# سنڌ جو سفر

(لطف الله جي خودنوشت سوانح تان)

مترجم

**قادر بخش نظاماڻي**

سنڌي ادبي بورڊ

حيدرآباد سنڌ

# سنڌ جو سفر

(لطف الله جي خودنوشت سوانح تان)

donated from
Suleman A. Memon's
personal library

مترجم

قادربخش نظاماڻي

سنڌي ادبي بورڊ

حيدرآباد سنڌ

چاپو پهريون — سال ١٩٥٦ع — تعداد ٢٠٠٠
چاپو ٻيو — سال ١٩٦٥ع — تعداد ١٠٠٠
چاپو ٽيون — سال ١٩٧٠ع — تعداد ٢٠٠٠

(All Rights Reserved with the Sindhi Adabi Board)

**قيمت: ١-٥٠ رپيو**

ملڻ جو هنڌ:

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال
امين منزل، گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ.

هيءُ ڪتاب ”زينت پرنٽرس“ حيدرآباد سنڌ ۾ ڇپيو ۽ مسٽر غلام رباني آگري، سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي بورڊ جي آفيس، امين منزل، گاڏي کاتي، حيدرآباد سنڌ مان شايع ڪيو.

# پيش لفظ

هنن صفحن جو مصنف هڪ هندستاني مسلمان آهي. هند جي نون فاتحن، انگريزن، پنهنجي مفتوح قوم کي وڌيڪ چڱيءَ طرح سمجهي سگهڻ لاءِ ان وقت جي سرڪاري ٻولي فارسي سکڻ جي ضرورت محسوس ڪئي. ان خيال کان هو پنهنجي اوائلي اقتدار جي دور ۾ فارسيءَ تي گهڻو ڌيان ڏئي رهيا هئا.

هيءَ اهو زمانو هو، جڏهن هندستان ۾ ڪافي فتوحات حاصل ڪرڻ کان پوءِ، انهن کي پختي ڪرڻ جي خيال کان انگريزن جي دل ۾ افغانستان فتح ڪرڻ جو سوداءُ سمائجي چڪو هو، ۽ اتان جي پڻ سرڪاري زبان فارسي هئي.

مالوه (گجرات) جو باشندو لطف الله، جنهن جي خود نوشت سوانح جا ڪجهه صفحا هتي پيش ڪيا ويا آهن، سو ان زماني ۾ گجرات ۾ رهيل انگريز عملدارن کي فارسي پاڙهيندو هو. مالوه جي علمي ذوق رکندڙ خاندان جي هن فرد کي فارسي زبان ۽ ان وقت جي عام تعليمات ۾ چڱي دسترس هئي.

نومبر ۱۸۳۸ع ۾ هڪ انگريز عملدار ڪپتان ايسٽوڪ (Capt: East - wiek) کي سنڌ ۾ انگريزي ريزيڊنٽ ڪرنل سر پاٽنجر (Col; Sir Patinger) جو اسسٽنٽ مقرر ڪيو ويو. ڪپتان ايسٽ وڪ لطف الله کي ساڻس گڏ سنڌ هلڻ جي آڇ ڪئي جا قبول ڪرڻ تي ايسٽ وڪ کيس پنهنجو منشي ۽ فارسيءَ جو استاد مقرر ڪري، پاڻ سان گڏ سنڌ ۾ وٺي آيو.

لطف الله سنڌ ۾ پنهنجي آمد ۽ هتي پنهنجي قيام واري

زماني جا تاثرات، پنهنجي هڪ خود نوشت سوانح ۾ قلمبند ڪيا، جا پوءِ ڪئپٽن وڪ ٽاهي نوڪي انگريزي زبان ۾ "Autobiography of Lutfullah" جي نالي شايع ڪرائي. هن تصنيف جا، مصنف جي سنڌ ۾ قيام واري عرصي سان تعلق رکندڙ صفحا، سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمي جي صورت ۾ پيش ڪجن ٿا.

مون کي اميد آهي، ته هي اوراق، اسان جي وطن جي تاريخ جي چند پهلوئن تي ڪارآمد روشني وجهي، سنڌواسين کي ماضيءَ جي چند حالات ۽ واقعات کان واقف ٿيڻ جو موقعو ڏيندا - جيئن هو انهن مان پنهنجي آئيندي لاءِ مفيد نتيجا ڪڍي، فائديمند سبق حاصل ڪري سگهن.

آخر ۾ آءٌ محترم پير حسام الدين شاهه صاحب راشدي جي شڪر ادائي ڪرڻ ضروري ٿو سمجهان، جنهن صاحب جي حوصلا افزائيءَ مون کي هيءُ ترجمو هٿ ۾ کڻڻ لاءِ آماده ڪيو ۽ جنهن صاحب ترجمي ٿيڻ بعد ان کي نظر مان ڪڍي، بنده کي پنهنجي مفيد مشورن سان نوازيو.

ساڳئي وقت آءٌ محترم مولانا غلام مصطفيٰ صاحب قاسميءَ جو پڻ ممنون آهيان، جنهن صاحب هن ترجمي کي نظر مان ڪڍي ان کي بهتر بنائڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي.

ان کان سواءِ محترم محمد ابراهيم جويي ۽ جناب ڊاڪٽر يو. ايم. دائود پوٽي صاحب جي پڻ شڪر ادائي ڪرڻ ضروري آهي، جن صاحبن لطف الله جو اصل انگريزي ڪتاب دستياب ڪري ڏيڻ ۽ ٻيءَ طرح حوصلا افزائي ڪرڻ سان منهنجي مدد ڪئي آهي.

ڪراچي — بنده

١- مئي ١٩٥٦ع — قادربخش نظاماڻي

## سنڌ ڏانهن

ٻارهين ڊسمبر ١٩٣٨ع جي آڌيءَ رات جو اسان جي جهازن جو آرماڙ سنڌ ڏانهن روانو ٿي ويو. انهن جهازن ۾ انگريزي فوج جي هڪ ريجمينٽ سوار هئي.

ٽين تاريخ صبح جو اسين "گهوڙي کي چر" واري وارياسي پٽ وٽان اچي مٽياسون. ايتري ۾ شاهي سامونڊي جانورن (Sharks) جي هڪڙي جوڙي سمنڊ جي مٿاڇري تي نڪري آئي. منجهانئن هرهڪ هاٿيءَ جيڏو ٿي لڳو. هي جانور اسان جي ننڍڙي جهاز کي ويجها ٿيا ۽ ڏسڻ ۾ ٿي آيو ته هو پاڻ ۾ رانديون ڪري رهيا هئا. ڪنهن مهل هڪڙو ليٽي ٿي پيو ته ٻيو مٿس چڙهي ٿي ويو، ته ڪنهن مهل وري هڪڙو ٻئي جي پٺيان ٿي ڊوڙيو، ته ڪنهن وقت وري اسان جي جهاز جي هيٺان ٻئي لنگهيا، ته ڪڏهن آن کي پاسن کان ٻئي ڦيرا ڏنائون. سندن انهن گهتن ته اسان جي ننڍڙي جهاز کي لوڏي ٻئي ڇڏيو. هنن جانورن جي انهن حرڪتن اسان کي پريشانيءَ ۾ وجهي ڇڏيو هو. اسان جي جهاز جي ٽنڊيل کي هنن تي جوش آيو ۽ هن مون کي خطاب ڪندي چيو ته "هي جانور بعضي جهازن لاءِ خطرناڪ ثابت ٿين ٿا، تاهم ڊپ ڪرڻ جو ڪوبه سبب ڪونهي. هي جيڏا وڏا آهن، ايڏائي ڊڄڻا اٿوَ— مان اڇو

هن مصيبت کان بچائي ورتو. مون کي ڏاڍو افسوس ٿي رهيو هو، جو مان پنهنجي بندوق ساڻ ڪانہ آندي هئي.

”گهوڙي ڪي چر“ هاڻي فقط هڪ وڏو واريءَ سو ڪنارو آهي. ويهہ سال اڳي هتي ”گهوڙي بندر“ نالي هڪ بندر هوندو هو، جو هاڻي سامونڊي لهرن هيٺان اچي چڪو آهي.

انهيءَ واريءَ سي ڪناري وٽ پهچڻ تي جهٽ مون کي پاڻي ڇڪي ڏسڻ لاءِ چيو، ۽ منهنجي حيرت جي ڪا انتها نہ رهي، جڏهن ڏٺم تہ اسان جي جهاز جي هڪڙي پاسي تازو مٺو پاڻي تہ ٻئي پاسي کان صفا کارو پاڻي وهي رهيو هو. سبب پڇڻ تي مون کي معلوم ٿيو تہ درياءَ جي تکي سير جو تيز وهڪرو ايتري مفاصلي تائين سمنڊ اندر تازو مٺو پاڻي کنيو اچي. رات جو نوين بجي ڌاري اسان ”ويڪر باڙ“ کان ڏهن ميلن جي مفاصلي تي اچي لنگر هنيو.

چوٿين تاريخ فضا نهايت سانتيڪي ۽ هوا بلڪل بند هئي، ان ڪري اهو سڄو ڏينهن ”ويڪر باڙ“ تائين پهچڻ ۾ لڳي ويو. هتي اسان ٻارهن برطانوي جنگي جهاز، ٻہ ٻيا جهاز ۽ سؤ کن ٻتيلا بيٺل ڏٺا. جن ۾ انگريز فوجي چڙهي آيا هئا، يا سنڌن رسد جو سامان آندو ويو هو. انهن سيني جهازن توڙي ٻتيلن تي انگريزي جهنڊا ڦڙڪي رهيا هئا.

منهنجو دوست، ڇهون ٽنڊيل، وارياسي ڪناري تي، ڪناري سان لڳي تازو تباهه ٿيل هڪ جهاز جي پر مان اچي لانگهاڻو ٿيو، جنهن تي مون کيس چيو ته ”هن جهاز جي تباهي اسان جي لاءِ هڪ قسم جو چتاءُ آهي ته جيڪڏهن اسين هن جهاز واري قسمت نٿا چاهيون ته اسان کي ڪناري جي گهڻو ويجهو نه اچڻ گهرجي“. مگر هن پيڙهي دريائي ڏاڙيل جواب ڏنو ته ”ان جهاز جو ٽنڊيل يا انڌو هوندو يا جهاز کي ٻوڙڻ ۾ سندس ڪو خاص مقصد هوندو، نه ته هتان جا ته ٻار به هن ڪناري جي چپي چپي کان واقف آهن.“ رات جو اسين ”ٻاڙ“ ۾ اچي لنگرانداز ٿياسون.

## سنڌ جو ڳوٺ

پنجين تاريخ، درياءَ جي چوڙ وٽان اچي، اسين سنڌو نديءَ ۾ گهڙياسون، ۽ ڇهين تاريخ ”ويڪر“ کان ستن ميلن جي مفاصلي تي پهتاسون، جتي درياءَ جي کاٻي ڪناري تي هڪ ننڍڙو ڳوٺ هو. مان لهي اهو ڳوٺ ڏسڻ ويس. ڳوٺ جي پٽيل سان مليس ۽ جمعي ناکئي جي ذريعي ساڻس ڪچهري ڪيم. هن جي مادري ٻولي سنڌي هئي. اسان جي سوالن جا جواب هن پيڙهي پٽيل اهڙي ته وڏي آواز سان ڏنا، جو پهرين ته مون سمجهيو ته هو يا ته اسان کي ٻوڙو ٿو سمجهي يا اسان جي هن طرح سندس ڳوٺ ۾ گهڙي اچڻ

ٿي ناراض آهي. پر جمعي کان پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيم تہ ان ۾ ڪابہ برائي نہ هئي. ڏاڍي ڳالهائڻ جو هت عام رواج آهي. هتان جا ماڻهو نهايت مسڪين ڏسڻ ۾ ٿي آيا، ۽ سندن جهوپڙا اهڙا هئا، جهڙا هندستان ۾ ماڻهو پنهنجي ڍورن جا وڙاڻ ٺاهيندا آهن. سارو ڪٽنب هتي هڪڙي گهر ۾ رهيل هوندو آهي، جنهن ۾ زال، مڙس، پٽ، ننهن ۽ ٻار وغيره سمورا هڪڙي ئي هڪڙي دالان ۾ گاهہ جي مٿان تڏا وڇائي ان کي هنڌ بنائي سمهي پوندا آهن. هنن جو کاڌو عام طرح چانورن جي ٿلهي ماني ۽ تازي يا سڪل مڇي آهي. هي ماڻهو تماڪ ۽ ٻصرن جا ڏاڍا شوقين آهن. ڳوٺ جي پٽيل پڻ اسان کي اهي شيون تحفي طور ڏيڻ جي آڇ ڪئي. مون پٽيل کان سندس ملڪ ۾ ڍلن ۽ محصول جي رواج بابت پڇيو. هن ٻڌايو تہ ”هتي ڍلون يا محصول گهڻو ڪري جنس جي صورت ۾ ورتا ويندا آهن. پوک گهڻو تڻو فقط چانورن جي ٿئي ٿي، جي هتي چڱي انداز ۾ ٿيندڙ آهن. هاريءَ کي فصل جو پنجون حصو ملندو آهي. باقي چئن حصن مان اڌ سرڪار کڻي ٿي ۽ اڌ زميندار کي ملندو آهي.“

ستين تاريخ مان ”ويڪر“ چانوڙيءَ وٽ اچي لٿس؛ جتي منهنجي صاحب ۽ دوست ڪئپٽن ايسٽ وڪ (Capt: Eastwick) وڏيءَ سڪ سان منهنجي مرحبا ڪئي. انين تاريخ جو سڄو ڏينهن مون ”ويڪر“

ڳوٺ جي چڪاس ۽ جاچ پڙتال ۾ خرچ ڪيو. هيءَ ڳوٺ ڇوويهه-پنجويهه ردي جهوپڙن جي هڪ بستي آهي. شام جو ڪرنل پاٽنگر (Colonel Potinger) به حيدرآباد کان هتي پهتو.

نائين تاريخ اسان پنهنجا تنبو فوجي ڇانوڻيءَ وٽان ڪڍي، ريزيڊنٽ جي تنبوءَ وٽ اچي هنيا. ان تاريخ کان مون کي جنهن ڪم جو ذمو مليو هو، اهو مون باقاعدي شروع ڪري ڏنو. هتي مون کي ”تلسي شام“ ڳوٺ جي وينڊل سڪندر خان سان ملڻ جو وجهه مليو، جو منهنجو جهونو دوست آهي ۽ هن وقت انگريزي فوج ۾ صوبيدار ميجر جي عهدي تي آهي. اهوئي وڏي ۾ وڏو عهدو آهي، جو ڪنهن هندستانيءَ کي ملي سگهي ٿو. هو سفر مئنا (Sapers & Miners) ۾ آهي. هن پنهنجي هڪ دوست مرزا علي اڪبر سان منهنجي واقفيت ڪرائي، جو ڪئپٽن پاويل (Capt: Powel) کي فارسي پاڙهيندو هو. هو چڱو ترقي ڪندڙ مغل جوان ٿي لڳو.

مان هتي سنڌي گرامر سکڻ شروع ڪيو، ۽ ڏٺم ته اهو ڪو ڏکيو ڪين هو. ايشيائي زبانن جي عام بنيادي اصولن جو ڪوبه ڄاڻو نهايت سولائيءَ سان سنڌي زبان سکي سگهي ٿو.

ڏهين تاريخ پنهنجي دستوري ڪم ڪار کان واندي ٿيڻ بعد، مان سرڪاري خزاني جي صندوقن کي کڻڻ ۽ انهن جا نمبر لکڻ شروع ڪيا. انهن مان

هڪ سؤ انهتر صندوقون تازو بمبئي مان آيون هيون. انهيءَ شام جو، خودڪشيءَ جو هڪ نهايت افسوسناڪ واقعو ٿيو. ڊرنگون دستي جي هڪ عملدار پاڻ کي گولي هڻي ماري وڌو. سندس اهڙي قدم جي سبب جو ڪو به پتو ڪونهي.

## سياست تي بحث

پندرهين تاريخ سون کي ريزيڊنٽ ڪرنل پاٽنگر سان واقفيت حاصل ڪرڻ جو شرف مليو. ڇهري مان ئي سندس لياقتون ۽ مستقل مزاجي بکي رهي هئي.

هاڻي آءٌ سنڌين سان لهه وچڙ ۾ آيس، ۽ ساڻن ڳالهائڻ ٻولهائڻ وسيلي سندن ٻوليءَ جا محاورا سکيس. سُستي ۽ بيڪاري سنڌين جي مکيه عادتن مان آهي. درياءَ جا ناکئا مارو ڏينهن منهنجي تنبوءَ جي ٻاهران ويٺا بحث مباحثا ڪندا ۽ ٽپ شپ هڻندا هئا.

عام طرح هنن جي گفتگو جا موضوع سرڪاري معاملات ئي هوندا هئا. هڪ دفعي هڪ ڏر ڇيو ته "ملڪ هاڻي چاڻ ته ويو. سگهوئي انگريزن جو مٿس مڪمل قبضو ٿي ويندو. ان ۾ ٽالپرن جو پنهنجو ڏوهه آهي، خاص طرح مير صوبدار جو – جيڪو اڃا تائين انگريز ڇهڙيءَ هڙ-ڪائو قوم جي دوستيءَ جا دم ڀيو پري. انگريزن سڄي هندستان تي قبضو ڪري ورتو آهي. هو اهڙيءَ طرح سنڌ تي به قبضو ڪري ويندا."

ٻيو ڇوڻ لڳو ته "دوست! اوهين ڀليا آهيو. حيدرآباد

جا مير ڪٿي ڪرستان ٿي چو نه ٿي وڃن، پر جيستائين ميرپور وارو مير شير محمد اسان جي پاسي آهي، تيستائين ڪو به ڊپ ڪونهي. اعليٰ حضرت مرحوم مير ڪرم علي خان جي بيگم صاحبه هن ڪري انگريزن جي مقابلي لاءِ ڪافي خزانو ڏئي ڇڏيو آهي ۽ اجا به ايترو ڏيڻ لاءِ تيار اٿس، جو هو ساري دنيا جي فرنگين جي خلاف دائمي جنگ جاري رکي ٿو سگهي، ۽ جي خدا چاهيو ته انگريز جيڪو خزانو، هٿيار ۽ ٻيو ساز و سامان هن ملڪ ۾ آڻي رهيا آهن، اهو سمورو اسان جو ٿيندو. قرآن پاڪ ۾ ڪين چيل آهي ته "هڪڙو ايمان وارو ڏهن ڪافرن کي شڪست ڏيڻ لاءِ ڪافي آهي."

ان تي هڪ ٻئي اڇي ڏاڙهيءَ وارو سنڌي ٽڏو ساهه کڻي چوڻ لڳو ته: "اوهين رڳا هوائي خواب پيا ڏسو. اوهان ته رنگا يعني اڇا، ڳاڙها ۽ ڪارا شيطان ڏٺائي ڪين آهن، جي جنگ جي ميدان ۾ گڏجي وڙهن ٿا. آءٌ جڏهن پيشوا (مرهٽا حاڪم) جي نوڪريءَ ۾ هوس، تڏهن دکن ۾ مون انهن جون جنگيون ڏٺيون. هيءَ انهيءَ ڳالهه جي ثابتي ڏسو!" ائين چئي، هن پنهنجي ٻانهن ۾ لڳل گوليءَ جو نشان ويٺلن کي ڏيکاريو، ۽ چوڻ لڳو، "برابر، مڙس مڙس جو مٽ آهي ۽ بعضي جوان ته ٻن - ٽن کي به منهن ڏئي ٿا سگهن: پر بشرطيڪ تلوار جو تلوار سان مقابلو هجي. هن بزدلن (انگريزن) وٽ

تلوارون ڪين آهن ۽ جي اڃا اهي اسان جي لٽين کان ٻه چٽ آهن. پر هو پنهنجي گولين واري شيطاني هٿيار سان ٻري کان ئي مڙس کي ڪيرائي ٿا وجهن- جڏهن ماڻهو ڪانئن اچا ميل پنڌ تي هوندو آهي- ان جو ڪهڙو علاج ڪجي؟"

منهنجي تنبوءَ جي ٻاهران هن قسم جا بحث مباحثا اڪثر مون کي وندرائيندا هئا، ۽ بعضي آءٌ پنهنجي جاءِ تان اٿي، هنن جي بحث ۾ دل ڏئي، پنهنجي پڪل ٽٽل سنڌيءَ ۾ چوندو هوس ته "انگريز اوهان جي بڪئي ملڪ تي ڪڏهن به قبضو ڪونه ڪندا- پوءِ ڪٿي اهو ڪين اچلائي ٿي ڏيوا هن ملڪ ۾ مڇي ۽ چانورن کان سواءِ ٻيو ڇا رکيو آهي؟ انگريزن جي حڪومت هيٺ اڳ ۾ ئي ڪافي زرخيز ملڪ موجود آهن. تنهن کان سواءِ انگريز ميرن جا دوست آهن. انگريزي فوجون رکيو هندستان ۾ پنهنجي هٿ آيل ملڪن جي حفاظت ۾ خود ميرن جي ملڪ کي ڌارين جي اکرائيءَ کان بچائڻ لاءِ سنڌ سان لنگهي رهيون آهن." ان جو جواب هو سيٺي هڪ ٽهڪ سان ڏيندا هئا ۽ چوندا هئا ته "سائين اوهين جيڪي فرمايو ٿا، اهو صحيح هوندو. اسين چٽ ماڻهو حڪومتن جي اوچي سياست کي ڪٿي ٿا سمجهي سگهون." ائين چئي وري به سيٺي وٺي ٽهڪ ڏيندا هئا.

پنھنجي صاحب جي خواھش موجب مون ڪراچيءَ جي سنڌي ھندو واپاريءَ نائونمل سان تعلقات قائم ڪيا، جو سنڌ ۾ انگريز اختياريءَ وارن لاءِ نھايت مفيد ۽ ڪارآمد ثابت ٿيو. ھو وقت بوقت مون سان ملندو رھندو ھو، ۽ اسان جي فوج جي گھرجن ۽ ضرورتن جي پورائيءَ لاءِ ھن ڪابہ ڪسر نہ ڇڏي. ھو وڏي پئسي وارو ماڻھو ھو. سندس شاھي ڪٽنب ھو، جنھن ۾ ھڪڙو پيءُ، ڇھہ پٽ، ڪيترين زالون ۽ پار ھئا. لاڙ ۾ نائونمل جو چڱو اثر ۽ ھلندي پڄندي ھئي.

اوٽيھين ڊسمبر تي پھرين شوال يعني عيدالفطر جو ڏينھن ھو. اھا عيد اسلامي دنيا ۾ نھايت شان شوڪت سان ملھائي ويندي آھي، جو اھا ھڪ مھيني جي محنت، مشقت ۽ آزمائش جي خاتمي تي ايندي آھي. فوج سان ڪوبہ ملان يا مولوي ماڻ نہ ھو- ان ڪري ڪن دوستن جي چوڻ تي مون ڪي ٿي اھي فرائض بجا آڻيا پيا، جيتوڻيڪ گھڻي عرصي کان مون کي انھن جو ڪوبہ تجربو نہ رھيو ھو. مون مسلم فوجين کي جن ۾ ڪمپنيءَ جا پيادا ۽ سوار سپاھي ھئا، عيد نماز ادا ڪرائي، ۽ خطبو پڙھيو. فوج جي مسلم عملدارن پاڻ ۾ ڦوڙي ڪري دستور مطابق مون کي رومال ۽ دستار پيش ڪئي، جا چاليھہ روپيا ڪانئي وٺي ھئي.

انهن ڏينهن ۾ اڪثر امان کي مير شير محمد خان جي حملي جا ڪوڙا افواهه پريشان ڪندا هئا. ويهين ڊسمبر تي خطري جو چتاءُ مليو. ساري فوج سجاڳ رکي وئي ۽ مکيه عملدار واري تي پهرو ڏيندا رهيا. منهنجو خيال آهي ته هن ملڪ جا ڪڪڙ غير معمولي طرح مذهبي آهن، جو صبح ۽ پوياڙيءَ جي وقت وارين دستوري ٻانگن کان سواءِ رات جو ٻه هو ٻه ڪلاڪ وڏيڪ ٻانگن ڏيڻ ۾ صرف ڪندا آهن. هي ٻانگون هو رات جو اٺين ٻجي شروع ڪري، ڏهين ٻجي ختم ڪندا آهن. هندستان ۽ ايران ۾ ڪڪڙن جي بي وقتو ٻانگن ڏيڻ کي خراب اهڃاڻ يا بدسوڻ سمجهيو ويندو آهي ۽ هن قسم جي حرڪت اڪثر ويچاري ڪڪڙ جي حياتي وڃائڻ جو باعث ٿيندي آهي. پر سنڌي ان جي ڪا پرواهه ڪانه ٿا ڪن.

## گهوڙا ٻاريءَ ۾

گهوڙاٻاريءَ جو ڳوٺ ڏسڻ ويس، جو هتان ميل پنڌ تي آهي. هيءَ هڪ وڏو ڳوٺ ڪري سمجهيو وڃي ٿو. منجهس سؤ کن ردي جهوپڙا آهن. سياري جي هن موسم ۾ هن ٽڪر ۾ درياءَ فقط ڏيڍ پَرهه مس اونهو آهي ۽ سندس ويڪر به عام طرح اڍائي سؤ کن والن کان مٿي نه آهي. هتان جي زمين جي نوعيت موجب پاڻي مٺيءَ وارو آهي ۽ منجهس ريتي گڏيل آهي.

ڪان پوءِ، اسان وٽ نڪي ڪاڏي لاءِ ڪجهه هو، نه ڇپائڻ وارو نوڪر هو، جو اسان کي پنهنجي بک جي باهه اجهائڻ ۾ مدد ڪري سگهي. خوش قسمتيءَ سان مون کي ڪجهه ڪتل هٿ اچي ويا. ڪجهه پئسا ڏئي چانورن جي سنڌي ڏوڏي جو اڌ ورتو آيس، جنهن سان اسان پنهنجو پيٽ ڀريو. مون ۽ ايسٽ وڪ صاحب ڏاڍي شوق سان ڪتل سان ماني کاڌي. مون کي ته اهڙو مزو آيو جهڙو مون کي وري لنڊن جي ميوارٽ هوٽل جي کاڌن ۾ مليو. ڪئپٽن ايسٽ وڪ عيسائي دستور موجب ماني کائڻ کان پوءِ خدا جا شڪرانا مڃيا، ۽ مون به پنهنجي رب جا ٿورا مڃيا، جو اسان جي عيبن کي نظرانداز ڪري هميشه اسان جون گهرجون پوريون ڪندو رهي ٿو. ان کان پوءِ مون پنهنجي رفيق جي آزمائش وٺڻ لاءِ کيس چيو ته "اسان کي اهڙي خراب کاڌي لاءِ خدا جا شڪرانا نه مڃڻ کپن، ائين ڪنداسون ته هو ڪڏهن به اسان کي چڱو کاڌو نه ڏيندو." ان تي ڪئپٽن ايسٽ وڪ مشڪي چوڻ لڳو ته "اول اهو ثابت ٿيڻ گهرجي ته اسان کي جيڪي مليو هو سو خراب هو- پوءِ ئي وڌيڪ بحث ڪري سگهجي ٿو". ان طرح ڳالهين ۾ وقت ڪاٽيندا رهياسون، تان جو هن کي ننڊ وٺي وئي، ۽ پوءِ آءٌ به پنهنجو چروٽ پيئي وڃي بستري تي ليٽيس.

پنجويهين ڊسمبر، حضرت عيسيٰ عليه السلام جي ولادت جي ڏينهن تي، ساري مسيحي دنيا ۾ خوشيون ڪيون ويندبون آهن. ان ڏينهن صبح جو سوير پن عملدارن مسٽر جينڪنس ۽ ڪپتان وارڊ اچي اسان کي ننڍ مان اٿاريو. هو ان ڏينهن مانڊوي ڪان هتي پهتا هئا.

هنن ڪپتان ايسٽ وڪ کي عرض ڪيو ته فوج ڏانهن وڃڻ جي سلسلي ۾ هو سندن رهبري ڪري. پر جيئن ته آنن بابت سمورو معاملو اڃا اوئين سان طي نه ٿيو هو، ان ڪري ڪيس ڪجهه وڏيڪ وقت هتي رهڻو پيو، جنهن سبب ڪپٽن ايسٽ وڪ مون کي مٿين آفيسرن سان گڏ وڃڻ جو حڪم ڏنو ۽ پاڻ پوئتي ئي رهيو.

اسين ٻارهن ميل گهوڙن جي سواري ڪري "سرمڙيا" جي ڀرسان جهوپڙين واري هڪ ننڍڙي ڳوٺ وٽ وڃي فوج کي پهتاسون. ڪپٽن ايسٽ وڪ به پنهنجو ڪم پورو ڪري شام جو اچي اسان سان مليو. هتان اسان کي ويهن ميلن جي ڊگهي منزل ڪرڻي پئي، جا پوري ڪري، اسين ڪرمپور جي ننڍڙي ڳوٺ پهتاسون. هن ڳوٺ ۾ پنجاهه کن جهوپڙا آهن. هيءَ ڳوٺ سنڌوندي مان نڪرندڙ هڪ شاخ جي اوڀرين ڪناري تي آهي، ۽ ان جي ڀيءَ پر ايڊوڻي هڪڙو پيو "غلام جو ڳوٺ" آهي."

## ٺٽي ۾

ستاويهين تاريخ اسان اتي رهياسون، ۽ اناويهين تاريخ ٺٽي جي قديم تاريخي شهر ۾ پهتاسون. اسان صبح جو سوير ڪرمپور مان منزل ڪئي هئي، ۽ نوين بجي ڌاري مڪليءَ جي ٽڪريءَ تي اچي پهتاسون، جا ٺٽي کان هڪ ميل جي پنڌ تي آهي. اڄ صبح اسان جو رستو ڪجهه پنڌ ۾ واريءَ وارو ۽ ڪجهه ٽڪر ۾ پٿريلو ۽ ناهموار هو. واٽ تي هتان پڻ ميلن جي پنڌ تي اسين ڪلان ڪوٽ جي ڪنڊرن وٽان لنگهيا هئاسون. هن جون قلعبنديون ۽ ديوارون وغيره نهايت مضبوط ۽ قديمي ڍنگ ۾ ٺهيل آهن. هن جون اڏاوتون سموريون ڪچ ۽ پڪين سرن جون هيون. جيڪي هيتري زماني گذرڻ کان پوءِ به بلڪل مضبوط ۽ نيون ٺهيل لڳيون. انهن ڪنڊرن مان بعضي مڪاني ماڻهن کي پراڻا سڪا ۽ ٻيون اهڙيون قديم شيون هٿ اينديون آهن، جي هو وڏن اگهن ۾ وڪڻندا آهن.

ٽيهين تاريخ جمع ۽ ڏاڍي ٿڌ هئي. صبح جو مون جڏهن وضو ڪرڻ لاءِ ڪوزو ڪنيو، تڏهن ڏٺم ته ان جي اندر به پاڻي ڄمي پارو ٿي ويو هو. جنهنڪري لاچار تيمم ڪري نماز ادا ڪيم.

ٺٽي شهر کي پناهه طور ڪي به ديوارون نه آهن، ۽ شهر جو وڏو حصو ويران ٿيو پيو آهي. اڪثر

ڏهاڪو هزار گهرن ۾ ماڻهو رهن ٿا. مارڪيٽون بلڪل تنگ ۽ شهر جون گهٽيون نهايت گنديون آهن. شهر جا باشندا گهڻو ڪري ڪونڌ ڪو ڪم ڪندڙ آهن. هتي ڪيس ۽ لنگيون اتر سنڌ جي پيٽ ۾ وڏيڪ عمدا ٺهن ٿا. هن شهر جون عورتون سنڌ جي باقي حصن جي عورتن وانگر نهايت ساده ۽ سستو لباس پهرين ٿيون. هتي اٽي ۽ تيل جون چڪيون ۽ گهاڻا آهن، جي آٽ چڪيندا آهن. ٺٽي ۾ چٽن سون ڪان مٿي مسجدون آهن، پر پانڇي ڏو ته اهي سموريون اٿين ٿي فنا ٿي وينديون.

جامع مسجد ڏسڻ ويس، جنهن جي اڏاوت ١٠٥٧ هجري مطابق ١٦٤٧ع ۾ شاهجهان بادشاهه شروع ڪرائي، ۽ ١٠٧٢ هجري مطابق ١٦٦١ع ۾ اورنگزيب مڪمل ڪرائي هئي ـ جا ڳالهه مسجد جي عمارت تي به لکي پئي آهي. هيءَ نهايت شاندار عمارت ٻه سؤ وال ڊگهي ۽ سؤ وال ڪن ويڪري آهي، ۽ سڄي پڪين سرن ۽ گچ جي ٺهيل آهي. هن عمارت جو اندريون پلستر اڇي ۽ نيري رنگ جو آهي. هيءَ سڄي جاءِ هڪ سؤ ٿنڀن تي بيٺل آهي، جن مان هرهڪ ٿنڀي تي ڌار ڌار نموني جي نقاشي ٿيل آهي. محراب جي پٿر ۽ تاريخ وارن پٿرن تي نهايت صاف وڏن اکرن ۾ ڪتبا لکيل آهن. مختصر لفظن ۾ هن مسجد شريف جو سڄو نظارو نهايت سهڻو ۽ گنڀير آهي.

هن شهر جون سرون ۽ مٽيءَ جا ڍانوَ نهايت مضبوط ۽ چٽادار ڏٺم ڏنا. مان سمجهان ٿو ته ان جو سبب هتان جي خاص قسم جي زمين آهي، جا اڇي چيڪي مٽي ۽ واريءَ گڏيل آهي. هتي عام طرح گهر ڪچيءَ مٽيءَ ۽ ڪاٺ مان نهيل آهن؛ چٽيون سڌيون اڀن، جن جي مٿاڇري ڪي مٽيءَ سان لنبيو ويندو آهي. اندر وارين ڀتين کي پڻ پاسن کان مٽيءَ جو ليپو ڏنل هوندو آهي. شهر ۾ شاهوڪارن جون ڪي ڏوريون جايون پڪين سرن جو ٺهيل آهن ۽ بعضي مٿان ماڙي پڻ اٿن.

هتي مارڪيٽ ۾ اوچتو منهنجي هڪ سهڻي عرب نوجوان سان واقفيت ٿي، جنهن جو نالو سيد محمد هو ۽ مديني منور جو باشندو هو. هن جي معرفت مون شهر جي مکيه عالم مخدوم شيخ عبدالله سان ملاقات ڪئي. هنن پنهي شخصن جو شهر ۾ گهڻو اثر آهي. پهرئين جو اثر سندس جاءِ پيدائش ۽ خاندان (سيد) جي ڪري، ۽ ٻئي جو سندس پيش امام جي ڪري آهي. هنن بزرگن سان آءٌ ٻه ڪلاڪ ڳالهيون ٻولهيون ڪندو رهيس.

سيد محمد ڏهن سالن تائين بغداد ۽ ايران ۾ سفر ڪرڻ بعد، تازو واپس وريو آهي. هتي سندس "خمس" گڏ ڪندو پئي ويو. "خمس" سندس هر شيعي معتقد جي آمدنيءَ جو پنجون حصو آهي، جو هو ڪيس مذهبي ڏن طور ڏيندا آهن. ان طرح هڪ يهوديءَ وانگر هو

ڇڱو دولتمند ٻنجي ويو آهي. جيتوڻيڪ هو هڪ عرب آهي، مگر ان هوندي به ڪيس فارسي سٺي ٺي اچي. عام طرح عربن کي نين ٻولين سکڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي آهي. منهنجو هيءُ ميزبان هڪ عالم ۽ ڇڱي خاندان جو فرد آهي ۽ وٽس ڪتابن جو وڏو ذخيرو ۽ هڪ عمدي لائبريري آهي.

ٻهرين جنوري ١٨٣٩ع تي حيدرآباد جي ميرن جا چار-پنج عملدار آيا، جن سان جنرل ڪين (Genral Kean) ڪرنل پاٽنگر (Col: Potinger) ۽ ملاقاتون ڪيون. ٻنهي (انگريزن ۽ ميرن جي) حڪومتن جي باهمي دوستيءَ ۽ محبت جي ڳالهين ڪرڻ بعد ميرن جي نمائندن طرفان ڪن اختلافن ۽ ميرن جي ناراضگين بابت پڻ ڳالهيون ٿيون. جنهن ڪان پوءِ سندن رضامندي سان اها ميٽنگ ملتوي ڪئي وئي، جيئن هو اسان جي فوج جي وڏيڪ اڳتي مارچ لاءِ سهولتن مهيا ڪرڻ جي سلسلي ۾ ضروري انتظام ڪري سگهن.

## مڪليءَ جو سفر

چوٿين تاريخ آءٌ موڪل وٺي، مڪليءَ جي سفر تي ويس. صبح جو سوير اوڏانهن روانو ٿيس ۽ ڇهين بجي تائين اتي گهمندو رهيس. هيءَ مشهور ٽڪري ٺٽي ڪان هڪ ميل جي مفاصلي تي آهي، ۽ شهر جي اولهه ڪان اتر ڏانهن وڃي ٿي. اٺ ميل ڊگهي ۽ هڪ

ميل ڪن ويڪري آهي ۽ سندس سراسري اوچائي پنجونجاهه فوٽ آهي. ڇيو ٿو وڃي ته هن ٽڪريءَ تي اهو نالو اتس رهندڙ هڪ مهاڻيءَ عورت تان پيو آهي، جنهن جو ڪنهن زماني ۾ اتي مڇين ۽ پلن جو ڪاروبار هوندو هو. هن مختصر ٽڪريءَ تي پنج سؤ ڪن قبن واريون، ۽ بيشمار اهڙيون قبرون آهن، جن تي ڪاٻه چٽ ڪاڻ آهي. هيءَ چڻ هڪ تمام وڏي آباديءَ وارو شهر خموشان آهي. مون ڪي فقط هيٺيون وڏين جاين ڪي چڱيءَ طرح ڏسڻ جو وقت مليسگهيو:

(١) عيدگاهه، جا هڪ شاندار مسجد آهي، جتي هر سال ۾ دفعا شهر جا سمورا مسلمان گڏ ٿي خداوند ڪريم جي حضور ۾ شڪراني جي نماز ادا ڪندا آهن. اها مسجد (عيدگاهه) سنڌ جي هڪ گورنر يوسف خان جي ٺهرايل آهي. ان تي وڏن سهڻن نستعليق اکرن ۾ هيٺين عبارت جو هڪ ڪتبو لکيل آهي:

”هيءَ عبادتگاهه طاقتور حاڪم يوسف خان جي ٺهرايل آهي. هن ان کي اهڙو ٿي عظيم الشان بنايو آهي، جهڙي عظيم سندس قسمت آهي“*.

---

* اصل ڪتبو هن طرح آهي:

”خان مالک رقاب يوسف خان،
ساخت طاعت گهي زبخت بلند،
قدسيان بهر سال اتمامش،
کعبهٔ اهل فضل يافته اند.“

١٠٤٣هه

هن عمارت جي تڪميل جو سال ۱۰۴۳ هه مطابق ۱۶۳۳ع ڄاڻايل آهي.

(۲) ين اڳوڻن وزيرن، مرزا جانيءَ ۽ مرزا غازيءَ جا مقبرا ـ هي ۱۶۹۵ع جا ٺهيل آهن.

(۳) طغرل جي ٺهرايل شاهي مسجد، جنهن جي تعمير ۱۰۹۰ هه مطابق ۱۶۷۹ع ۾ ٿي آهي.

(۴) ٺٽي جي ين سابق گورنرن مرزا عيسيٰ ۽ مرزا عنايت الله جا مقبرا ـ هي نهايت عمدي پيلي رنگ جي پٿرن جا ٺهيل آهن، جن تي سهڻيون گلڪاريون آڪريل آهن. هي مقبرا مڪليءَ جي سڀني عمارتن ۾ سهڻا آهن.

(۵) هڪ وزير جو مقبرو، جو ۱۰۴۷ هه مطابق ۱۶۳۸ع ۾ ٺهيو آهي.

(۶) هڪ نواب جو مقبرو، جو ۹۶۶ هه مطابق ۱۵۵۸ع ۾ جڙيو آهي.

(۷) قاضي پير اسد جو مقبرو، جو نوَ فوٽ ڊگهو آهي، ان جي تعمير جو سن پڙهڻ ۾ نٿو اچي.

(۸) بغداد واري بزرگ پيران پير عبدالقادر جيلانيءَ جي فرزند سيد عبدالله جو مقبرو.

(۹) ميران محمد جو مقبرو، جيڪو ۱۰۵۹ هه مطابق ۱۶۴۹ع ۾ جڙي راس ٿيو آهي.

(۱۰) شيخ ضياء جو مقبرو، جو ۱۱۲۹ هه مطابق ۱۷۱۹ع ۾ ٺهيو آهي.

(۱۱) هڪ بادشاهه جو مقبرو، جو ۱۱۰۹ هه مطابق ۱۷۹۷ع ۾ تعمير ٿيل آهي.

(١٢) بابا عيسيٰ لنگوٽيا بند جو مقبرو، جيڪو ٩٢٠ھ مطابق ١٥١٤ع جو جڙيل آهي.

(١٣) جوکيا قوم جي مرشد سيدعلي شيرازيءَ جو مقبرو، جيڪو ١١٩٠ھ مطابق ١٧٧٦ع ۾ ٺهي راس ٿيو آهي.

مون کي پنهنجي سرڪاري ذميدارين جي سلسلي ۾ هن دفعي تيرهن نقطن واري ان رٿيل معاهدي کي فارسيءَ ۾ ترجمي ڪرڻ جو فخر نصيب ٿيو، جيڪو انگريز، ميرن جي حڪومت تي مڙهڻ وارا هئا. مون سڄي رات جاڳي هيءُ ڪم ڏهن ڪلاڪن اندر پورو ڪيو. صبح جو هي ترجمو منظوريءَ لاءِ ريزيڊنٽ صاحب جي اڳيان پيش ڪيم، جنهن (پنهنجي ڏڪڻي خط ۾ لکيل) انگريزي مسودو هٿ ۾ جهلي مون کي ان جي فارسي ترجمي پڙهڻ جو حڪم ڏنو، جو صحيح ثابت ٿيو، ۽ ريزيڊنٽ ان جي منظوري ڏني. ڪئپٽن ايسٽ وڪ منهنجي خدمتن لاءِ پسنديدگي ظاهر ڪندي، پنهنجي کيسي مان مون کي پنج سؤ رپيا انعام ڏنا ۽ ريزيڊنٽ ان کان به وڌيڪ انعام ڏيڻ جو وعدو ڪيو.

پنجين تاريخ شام جو، اسان جي پهريدارن هڪڙي مڪاني بلوچ باشندي کي خون ڪري وڌو. هن کي ڪئمپ ۾ ديسي شراب وڪڻندي گرفتار ڪيو ويو هو ۽ کيس درن جي سزا ڏني وئي هئي. هن غريب ڏوهه ته ڪيو هو، مگر کيس ان ڏي سزا جي ڪابه خبر

نہ هئي. جڏهن ڪيس ٻڪڙي گارڊ ڪوارٽر ڏانهن نيو
ٿي ويو، تہ هو پنهنجي تلوار ۽ ڍال ڪان ڪم وٺڻ
لڳو. هڪ پهريدار تي هن تلوار جا ٽي وار ڪيا، جن
۾ هن جي بندوق جو قنداق بہ ڀڄي پيو. چوڪيدارڪي
ڦٽي هو اٿي پڳو. مگر جڏهن سرجان ڪين ۽ ڪرنل
مئڪڊونالڊ جي تنبن وٽ آيو، تہ مٿس گوليون چليون،
جن مان هڪ سندس سيني مان پار ٿي وئي ۽ جوان
اچي هيٺ ڦهڪو ڪيو. زمين تي ڪرڻ شرط سندس
روح خاڪي جسم مان پرواز ڪري چڪو هو. ان
طرح هو ڇهڪن جي سزا کائڻ کان بچي ويو!

اڄ رات وري بہ اسان جي ڪئمپ تي حملي ٿيڻ
جا افواه اٿيا. لڪيٽ جي ويجهو پنجويهن سنڌين جي
هڪ ٽوليءَ انگريزي فوج جي ڪيترن ئي ماڻهن کي
ڦريو هو، جيڪي اسان جي پٺيان اچي رهيا هئا.

## حيدرآباد ڏانهن

جنوريءَ جي سورهين تاريخ، ڪئپٽن ايسٽ وڪ
کي حيدرآباد رواني ٿيڻ جا حڪم پهتا، ۽ اسين روانگيءَ
جي تيارين ۾ لڳاسون. ٻئي ڏينهن صبح جو سوير
اسين پتڻ ڏي وياسون، جتان اسين هڪ ننڍڙي
آگبوٽ تي سوار ٿي روانا ٿي وياسون. هتان ڪئپٽن
جيمس آئوٽرام (Capt: J. Outram) بہ اسان سان شامل
ٿي ويو.

کي دربار ڏانهن روانو ڪيو ويو ته وچي پچا ڪري اچي ته مير کهڙي وقت انگريزي وفد کي دربار ۾ گهرائڻ پسند ڪندا. هن موٽي اچي ٻڌايو ته ان ڏينهن ميرن سان ملاقات نه ٿي سگهندي، ڇو ته اهو هنن جي سنوارت يا وارن کي حجم ڪيان درست ڪرائڻ جو ڏينهن هو. هفتي ۾ ٻه دفعا هو سنوارت ڪرائيندا هئا.

ٻاويهين جنوري تي، سيٺي کان اڳ ۾ مير صوبدار خان پنهنجي سڀ کان پروسي واري ماڻهو پير بدرالدين کي اسان ڏي موڪليو، جنهن مير صاحب وٽان مخفي پيغام آندو ته هو انگريزن جو هميشه دلي دوست رهيو آهي ۽ دائما وفادار رهندو. تنهنڪري کيس سندس سؤٽن جي ڪارروائين لاءِ جوابدار نه ٺهرايو وڃي. هن وڌيڪ تقاضا ڪئي ته ڪئپٽن ايسٽ وڪ سانس ملاقات کان اڳ کيس اهڙي خاطري ڏئي. ان تي ڪئپٽن ايسٽ وڪ مون کي پير بدرالدين سان گڏجي موڪليو ته جيئن هزهاءِنيس کي وڃي گهربل خاطري ڏيان.

## سنڌ جو تختگاهه

ٽي ميل ڪن پنڌ ڪري اسين حيدرآباد جي قلعي جي ويجهو پهتاسون، جنهن جي باري ۾ آءٌ اڳي ئي گهڻو ڪجهه ٻڌي چڪو هوس. ويجهو اچڻ تي مون کي ان ۾ ڪابه خاص ڳالهه نظر ڪانه آئي. هيءَ

ويٺو هو. هڪ سيڪريٽري ۽ هڪڙو خدمتگار پڻ وٽس موجود هئا. ڪمرو ڪافي ڪشادو هو، پر منجهس ڪو به فرنيچر ڪين هو. مان السلام عليڪم چئي مير صاحب سان هٿ ملايو، ۽ پوءِ هيٺ پِڙَ سان گڏ ويهڻ وارو هوس، ته مير صاحب مون کي ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ اشارو ڪيو، جا خاص منهنجي واسطي آندي ويئي هئي. خوش خير و عافيت ۽ دعا سلام کان پوءِ، مون جيڪو پيغام مير صاحب لاءِ آندو هو، اهو کيس ٻڌايم - جو مير صاحب نهايت ٿي توجهه سان ٻڌو ۽ کيس تسلي ٿي. ان کان پوءِ يوروپي ماڻهن جي ريتن رسمن ۽ آداب نشست و برخاست وغيره بابت ڳالهيون ٿيون، جنهن کان پوءِ مون مير صاحب کان موڪلايو. ٻه گهوڙيسوار مير صاحب مون سان گڏي موڪليا، ته مون کي ريزيڊنسي تائين پهچائي اچن، ۽ وحشي بلوچن جي هٿان بيعزت يا ذليل ٿيڻ کان مون کي بچائين. اسان اڃا اڌ پنڌ مس ڪيو هو، ته ٻه ٻيا گهوڙيسوار، گهوڙا ڊوڙائيندا آيا ۽ مون کي ٿوريءَ دير لاءِ پوئتي موٽڻ واسطي عرض ڪيائون، جو مير صاحب مون سان ڪجهه وڌيڪ ڳالهائڻ ٿي گهريو. مان هنن سان واپس وريس ۽ پنهنجو آندل آوائلي پيغام وري دهرايم: جنهن جا ڪي لفظ مير صاحب چڱيءَ طرح نه سمجهيا هئا.

## دربار ۾

پوءِ مان موڪلائي پنهنجي ٻن گهوڙيسوار نگهبانن سميت ڪئمپ ڏانهن موٽي رهيو هوس، ته رستي ۾ ڪئپٽن ايسٽ وڪ کي، ڪئپٽن آئوٽرام ۽ ليڪي (Leakey) مان گڏ حيدرآباد ڏانهن ايندو ڏٺم، جي ٽن حڪمران ميرن جي دربار ڏانهن وڃي رهيا هئا. جيئن ته منهنجو به ساڻن گڏ رهڻ ضروري هو، ان ڪري مون کي ساڻن گڏ پوئتي موٽڻ لاءِ چيو ويو، ۽ مان ساڻن گڏ واپس حيدرآباد ڏانهن روانو ٿيس. ان ڏينهن مون کي ڏاڍو سخت ڪم ڪرڻو پيو ۽ سڄو ڏينهن ٿڪيو رهيس. فقط صبح جو ريزيڊنسيءَ مان نڪرڻ وقت چانهن جي ڪوپ سان روٽيءَ جو ٽڪر کائي هليو هوس، ۽ هاڻي سڄ لهڻ وارو هو، پر اڃا ڪم جي پڄاڻي ڪانه ٿي هئي. دربار ۾ پهچڻ تي مون ڏٺو ته هٿياربند بلوچن ۽ حاضرين جو ايڏو ته گهڻو انداز هو، جو اندر وڃڻ ئي مشڪل ٿي لڳو، ماڻهن جلد ئي سري پري انگريزن لاءِ رستو ڪيو، پر مان پٺتي رهجي ويس. مون کي پنهنجي اندر لنگهي سگهڻ جي ڪابه اميد نظر ڪانه ٿي آئي. پر خوش قسمتيءَ مان جنهن مهل ڪئپٽن ايسٽ وڪ ميرن وٽ پهتو، ته هن کي هڪدم منهنجي يادگيري ٿي ۽ هن هڪل ڪئي، ”هيڏانهن لطف الله، هي ڪاغذ سنڀال!“ هن جي انهن چوڻ شرط ئي خدمتگارن هڪدم انبوهه کي چيري

موں کي آڏ ڊنس پهچ يو ـ جتي سندس قدمن وٽ ويهي مون ميرن سان سندن هليل ڳالهيون ٻولهين جا نوٽ لکيا.

ڇٽن ٻارڊ واري شاهي صندل تي، جنهن جي مٿان هڪ سادو ايراني قالين وڇايل هو، ٽي مير حڪمران، نور محمد خان، نصير خان، مير محمد خان ۽ نوجوان مير شهداد خان ويٺا هئا. پر ۾ تلوارون ۽ ڍالون پيون هين. اهو ئي سندن تخت هو. انگريزي نمائندو ۽ سندس سائي ڪرسين تي ويٺا، جيڪي خاص هنن لاءِ آنديون ويون هيون، پر دربار منجهه داخل ٿيڻ تي کين پنهنجا بوٽ لاهڻا پيا هئا. باقي ماڻهو سڀ هيٺ غاليچن تي ويٺا هئا. هتي ويهڻ جي جاين ۽ ٻين ڳالهين بابت هندستان جي عام درٻارن وانگر ڪي به مقرر دستور نه هئا. هٿياربند بلوچ ۽ سنڌي جيئن کين وڻيو ٿي ۽ جتي ويهڻ لاءِ جاءِ ٿي مليئن اتي ويهي ٿي رهيا. پاڻ ۾ وڏي آواز سان ڳالهه ٻولهيون پئي ڪيائون، ۽ ور ور ڪري اسان ڏي ائين خارن ۾ پئي گهوريائون، ڄڻ اسين سندن خون قاتل هئاسون.

نور محمد خان نهايت دانا، بلند خيال ۽ ڀلا انسان ٿي لڳو. درميانه قد ۽ درميانه عمر جو هو هڪ سهڻو انسان هو.

حڪومتي ڪاروبار جي باري ۾ فقط نور محمد خ سان ڳالهيون ٻولهيون ڪيون وينديون هيون ـ ۽

مير نصير خان ۽ مير محمد خان ورلي ڪو جواب ڏيندا هئا. جيڪڏهن ڪين ڪجهه چوڻو به هوندو هو، ته هو اهو مير نور محمد خان جي معرفت چوندا هئا. مون تي مير نور محمد خان جي دليرانه رخ ۽ هن جي ڳالهين ٻولهين جي نموني گهڻو اثر ڪيو، جن ۾ سچائي، جذبو ۽ دلاوري ڀريل هئي.

نصير خان به خوبصورت، پر بت ۾ ذرا ڳرو هو. سندس وڏندڙ چهري مان نرمي ۽ ڪشاده دلي بکي رهي هئي.

مير نور محمد خان سهڻو، چاق چوبند بدن جو ۽ هڪ سپاهيءَ وانگر هو. هو نور محمد خان جي ڪاٻي پاسي صندل جي چيڙي تي ويٺل هو. سندس ڪاٻو هٿ ڍال تي ۽ ساڄو تلوار جي مٺي تي هو. هي هئا، هن نيم مهذب دربار جا صدر.

## نئون عهدنامو

دستوري خوش خيرعافيت ڪان پوءِ، ڪئپٽن ايسٽ وڪ پنهنجي مقصد جي ڪوڙي گوري پنهنجي ميزبانن کي ڏيڻ جو وجهه ورتو، ۽ منهنجي هٿن مان اهي ڪاغذ ورتا، جن ۾ نئين رٿيل عهدنامي جو مسودو هو، جنهن جو مون تازو فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو هو. ڪئپٽن ايسٽ وڪ بلڪل چٽي فارسي تلفظ ۾ ان کي پڙهڻ شروع ڪيو. ميرن نهايت تحمل ۽ بردباريءَ سان هن مسودي کي پڙهو ـ جيتوڻيڪ مير نور محمد

معنيٰ سمجهي سگهان ها، جيڪو اوهين استعمال ڪري رهيا آهيو- اوهان جي هنن طلبن جو اسين ڪو به قطعي جواب هڪدم ڏئي نٿا سگهون، ڇو ته هن معاملي بابت اسان کي انهن سڀني سان صلاح ڪرڻي پوندي، جن جا مفاد اسين پنهنجي مفادن تي قربان نٿا ڪري سگهون، ۽ جي هرو ڀرو اسان جي ضابطي هيٺ به ڪين آهن".

سج لٿي مهل، اسين دربار مان روانا ٿياسون. دربار جي خاتمي تي عطر يا گلاب جي پاڻيءَ وغيره جي ڪابه ڇنڪار نه ڪئي وئي، جيڪو هندستان جي ٻين دربارن ۾ عام طرح رواج آهي. ساري ڏينهن جي سخت ڪم بعد شام جو سادي ڇهين بجي مهل ٿڪي ٿڪي پنهنجيءَ جاءِ تي اچي پهتاسون.

ٽيويهين تاريخ اسان ميرن جي جواب جو انتظار ڪيو، پر حالتون بگڙنديون نظر اچي رهيون هيون. انگريزن جي مقامي ايجنٽ مخفي طرح اسان کي پيغام موڪلي عرض ڪيو ته اسين پنهنجي حفاظت لاءِ سجاڳ رهون. شايد هن جو چتاءُ بي سبب نه هو. اسان ان ڏينهن به سؤ کن هٿياربند بلوچن کي، بنا سبب، اسان کان پنج سؤ والن جي مفاصلي تي ماڙيءَ ۾ ويٺل ڏٺو منجهانئن هڪ - ٻن ڄڻن ٻه - ٽي دفعا اسان جي جاءِ رهائش (ريزيڊنسي) جي بلڪل ويجهو اچي پڙتال به ڪئي

## حيدرآباد کان واپسي

ميرن وٽان جواب اچڻ تائين مقرر ٿيل وقت (٢٤ تاريخ) جي ختم ٿيڻ تي، اسين واپس فوج جي ڪئمپ ڏانهن روانا ٿياسون. هوا سٺائي ۽ درياهه جي لهواري رخ جي ڪري ٽن ڪلاڪن اندر ارڙهن ميلن جو مفاصلو طي ڪري اسين اچي جهرڪن ۾ پهتاسون.

پنجويهين تاريخ فوج سان گڏياسون، جا پڻ ان ڏينهن تي اتي پهتي هئي. هتي مان ذري گهٽ ٻڏندي بچيو هوس. مون سان پنهنجي ڪتابن جي ڳري صندوق ساڻ هئي، جا مون هڪ سنڌيءَ جي مدد سان، ٻن پيڙين جي ڪناري تي آندي، جيڪي گڏ بيٺل هيون. ان حالت ۾ اهو سنڌي اوچتو مون کي اتي ئي ڇڏي هليو ويو. مان صندوق وڃائڻ جي ڊپ کان اتان چري به نٿي سگهيس. ان خطرناڪ ۽ نازڪ حالت ۾ مون کي پندرهن منٽ لڳي ويا. ڪنهن مهل اهي ٻئي پيڙيون ڪجهه چريون ۽ مان پنهنجي صندوق سميت درياهه ۾ ڪرڻ وارو هوس، ته ايتري ۾ پيڙيءَ وارو سنڌي موٽي آيو؛ ۽ معذرت يا افسوس جو هڪ لفظ به ڪڇڻ بنا، مون کان منهنجي ”شان وٽان“ بخشيش جو مطالبو ڪيائين.

مان پنهنجي ڪاوڙ ۽ خارن کي دٻائي جهٽ پٽ خرچي ڪڍي، هن بدمعاش کي ڏني، ته مون کي ۽ منهنجي صندوق کي بچائي، پر دل ۾ مون هن کي نهايت ٿي پٽيو ته شل خدا کيس جهنم واصل ڪري.

## حملي جا افواهہ

هتي آٺ ڏينهن اسان جي فوجن جي ڪئمپ رهي، وقت بوقت رات جي حملن جا ڪوڙا افواهہ ٿيندا هئا. بمبئي پياده فوج جو هڪ سپاهي چندي ڏين، جيڪو تازو مير شير محمد خان جي قيد مان ڀڄي آيو هو، تنهن احوال آندو ته شير محمد خان عنقريب اسان جي خلاف حيدرآباد وارن ميرن سان شريڪ ٿيڻ ورو آهي. اوڻيهين تاريخ سيد اسماعيل شاهہ ۽ منڊس هڪڙو پٽ، انگريز اختياريءَ وارن سان ڳالهين هلائڻ لاءِ ڪئمپ ۾ پهتا. ٽيهين تاريخ شام جو ٽن فوجي عملدارن جا لاش آندا ويا، جي بنا موڪل شڪار ڪرڻ هليا ويا هئا، پر بيلي ۾ چوڏاري باهہ لڳي وڃڻ سبب، سندن ڀڄڻ جون سموريون واهون بند ٿي ويون ۽ هو سڙي مري ويا هئا.

پهرين فيبروري ۱۸۳۹ع تي ميرن جي سفير سيد اسماعيل شاهہ ظاهر ڪيو ته "مير انگريزن جي تازن مڙهيل شرطن کي قبول ٿا ڪن." ٻئي ڏينهن اسماعيل شاهہ جي پٽ، تقي شاهہ، کي ميرن جي دستخطن حاصل ڪرڻ لاءِ حيدرآباد موڪليو ويو.

ٽين تاريخ اسان جهرڪن مان پنهنجي منزل ڪئي، ۽ يارهن ميلن جو فاصلو لتاڙي، اسان اچي اسماعيل شاهہ جي ڳوٺ وٽ ڪئمپ ڪئي. اتان وري وڌيڪ نو ميل پنڌ ڪرڻ بعد اسان جي فوج ڪوٽڙيءَ جي ننڍڙي ڳوٺ ۾ پهتي. هيءَ ڳوٺ حيدرآباد جي

۽ نهايت ئي خطرناڪ ثابت ٿيندو آهي، ۽ ماڻهو پڪ ئي پڪ سوريءَ جي مرض جو شڪار ٿيو وڃي، جيڪو اڪثر موتمار ثابت ٿيندو آهي.

ڇهين تاريخ ريزيڊنٽ لاءِ ميرن وٽان مهمانيءَ طور مٺائين جا ٿالهه پرجي آيا. پر جيئن ته انگريز، گوشت جا شوقين آهن ۽ مٺائين سان سندن گهٽي ڪانه پوندي آهي، ان ڪري مٺائي جا سڀ ٿالهه منهنجي حصي ۾ آيا- جن ۾ اٽڪل هڪ مڻ کن اعليٰ درجي جي مٺائي پيل هئي. منهنجي سمورن دوستن، ملازمن ۽ مون پاڻ ڪيترا ڏينهن پٺي انهن مٺاين جو مزو ورتو ۽ ريزيڊنٽ جا شڪرانا مڃيا.

نائين تاريخ، ڪئپٽن ايسٽ وڪ کي حڪم مليو ته هو فوج کي اتر طرف شڪارپور ڏانهن وٺي روانو ٿئي. انهن حڪمن پهچڻ تي اسين سڀئي ڪوچ جي تيارين ۾ لڳي وياسون.

ڏهين فيبروري، آچر جي ڏينهن، اسان فوج سان گڏ هتان پنهنجي منزل ڪئي ۽ ڪوٽڙيءَ کان اٺ ميل پنڌ ڪري "پڊي جي ڳوٺ" وٽ اچي منزل ڪئيسون. هتي اسان کي رسد هٿ ڪري ڏيڻ ۽ امداد لاءِ، اسماعيل شاهه جو پٽ صادق شاهه ميرن جي نمائندي طور اچي اسان سان گڏيو. اسان کي حڪم مليل هئا ته پنهنجي مارچ (پنڌ) ۾، جيتريقدر ٿي سگهي؛ هميشه درياءَ جي ساڄي ڪناري جي پرسان وڌندا رهون. هڪ سپاهي حماقت ڪري پاڻي پيارڻ

جي هميشه واري خاص هنڌ کي ڇڏي، ٻئي هنڌان وڃي پنهنجي گهوڙي کي پاڻي پياريو، تہ هميشه لاءِ غرق ٿي ويو. هڪ آٺ گوڏن تائين پاڻيءَ اندر گهڙي پاڻي پيئي رهيو هو تہ ڪيس آفت جهڙو واڳون گهلي پاڻيءَ اندر کڻي ويو. اڄ پنج سپاهي فوج مان پڇي هليا ويا آهن. هن بعد فوج سان گڏ اسان جو مارچ هيٺينءَ ريت ٿيو:

| | | | |
|---|---|---|---|
| يارهين | تاريخ ڏهہ | ميل ڪري، | انڙپور |
| ٻارهين | تاريخ نوَ | ميل ڪري، | گوپانگ |
| تيرهين | تاريخ ڏهہ | ميل ڪري، | مانجهند |
| چوڏهين | تاريخ يارهن | ميل ڪري، | سن |
| پندرهين | تاريخ ٻارهن | ميل ڪري، | آمري |
| سورهين | تاريخ ٻارهن | ميل ڪري، | لڪي |

## لڪي شاهہ صدر

لڪي انڪل سؤ کن گهرن جو وڏو ڳوٺ آهي. هيءُ ڳوٺ سنڌ جي سيدن جي هڪ خاندان جو مکيہ مرڪز آهي. هتي سيوستان جي هڪ وڏي ٽڪر جي دامن ۾ شاهہ صدر جو مقبرو آهي ـ اهو ڏسڻ ويس. هيءُ، ڳوٺ کان ٽي سؤ کن والن جي مفاصلي تي آهي. هيءُ مشهور بزرگ اصل عربستان کان هتي آيو هو ۽ سنڌ ۾ هزارن ملحدن ۽ بت پرستن کي اسلام جي دائري ۾ داخل ڪيائين. سندس مقبرو ايران جي نادر شاهہ بادشاهہ جي حڪم سان ١١٥٥ع

۾، هن جاءِ تي نهرايو ويو هو. روايت آهي ته نادر شاهہ کي هن بزرگ خواب ۾ بشارت ڏني، ته هو عمرڪوٽ اچي، جتي ڪيس گهڻو ئي شاهي خزانو ماندو. نادر شاهہ ان غيبي آواز تي عمل ڪري سنڌ ۾ آيو، جتي سنڌ جي ڪلهوڙن حاڪمن ڪيس بيشمار خزانا ڏنا. نادر شاهہ انهن خزانن مان لکيءَ جي سيدن کي چڱو ورسايو ۽ کين هدايت ڪيائين ته بزرگ جو مقبرو اڏايو وڃي، جنهن تي عمل ڪندي هيءُ مقبرو تعمير ڪرايو ويو. مقبري جي دروازي تي هڪڙو بيت لکيل آهي، جنهن مان ان جي تعمير جو هجري سال ابجد جي حساب سال ١١٥٥ هجري يا ١٧٤٢ع نڪري ٿو *.

چيو وڃي ٿو ته سنڌ جا اهي سمورا سيد، جيڪي لکياري سڏيا وڃن ٿا، هن بزرگ جو اولاد آهن، جنهن جو شجرو اڳتي هلي امام علي نقيءَ مان ملي ٿو. منهنجو خيال آهي ته لفظ "لکي" ٻئي انهيءَ لفظ "نقي" جي بگڙيل صورت آهي، جو جناب ڏهين امام جو اسم مبارڪ آهي.

هن جاءِ کان هڪ ميل کن تي جبلن جو نظارو ڏاڍو وڻندڙ آهي. ويجهي ۾ ويجهي ٽڪر تي هڪ

---

* "سال تعميرش بجستم از خرد،
هاتفم گفتا بهشتِ اهل بيت."

١١٥٥ هہ

پٺي سان ڪڍ لاڪيتا پر چشما آهن. هڪڙي جو پاڻي ڏاڍو ٿڌو ۽ اوجل آهي، ته ٻئي جو وري ڏاڍو گرم آهي.

انگريزي فوج جو هڪ وڏيو، جو مارچ ۾ پٺتي رهجي ويو هو، ان ڪان ڪي بلوچ ڌاڙيل سندس سمورا ڪپڙا ڦري، سندس ٻانهن تي تلوار جا ٻه گهاءُ ڪري ڪيس ڇڏي ويا هئا، جو رت ڳاڙيندو اچي اسان وٽ پهتو هو. ڪيترائي اٺ پڻ چوري ٿي ويا آهن. اهي ڏوهه گهڻو ڪري ٻرڳڙي، مري ۽ لغاري بلوچن جا ڪيل آهن، جي پنهنجي گڏهن، رڍن ۽ ٻڪرين وغيره سان هنن ٽڪرين ۾ آباد آهن ۽ ورلي ڪو ٻر وارن ڳوٺن ۾ ايندا آهن.

سترهين، ارڙهين ۽ اوڻهين تاريخ، اسان جو مارچ بند رهيو- جيئن ضروري ڳرو سامان اڳ ۾ روانو ڪري سگهون. اٺن جا ٽي ڦورو هٿ ڪيا ويا، جن کي ڇهڪن جي سزا ڏني، سندن ڏاڙهيون مٿا ڪوڙي، ڪين ڇڏي ڏنو ويو. هڪ يورپين سپاهي، جو ڦورن کي سزا ملڻ وقت منهنجي ڀر ۾ بيٺو هو، تنهن مون کي چيو ”ڇهڪن لڳڻ واريءَ سزا کي ڇڏي، باقي ڏاڙهيءَ ۽ مٿي ڪوڙائڻ جي سزا جيڪڏهن مون کي روزانو ڏني وڃي، ته هوند مان ڏڍو خوش ٿيان.“

ويهين تاريخ، صبح جو سوير، اسان جو مارچ شروع ٿيو، ۽ ڏهين بجي مهل صبح جو اسين سيوهڻ واري لڪ وٽ پهتاسون. رات گجگوڙن سان مينهن وٺو هو،

آءٌ ڪئپٽن ايسٽ وڪ جي پوٺتان بيٺو هوس، ۽
ڪنهن ڪنهن مهل جيڪڏهن سندس جملن جو تلفظ
صاف نہ هو، تہ اهي نواب صاحب کي وري دهرائي
ٻڌايم. سرفين جڏهن پهريون ڀيرو منهنجو آواز ٻڌو،
تڏهن هڪل ڪري پڇيائين تہ ”جناب اوهين ڪير
آهيو؟“ ان تي ڪئپٽن ايسٽ وڪ کيس جواب ڏنو
تہ ”هيءُ منهنجو منشي آهي.“ سرفين قدآور، هوشيار،
وچولي عمر جو ماڻهو آهي، پر ڏسجي ٿو تہ کيس
فضيلت ۽ لحاظ جو ڪو بہ سبق مليل ڪونهي. بلوچ
نواب چاهيو ٿي تہ ڪم جي ڳالهين ختم ٿيڻ بعد بہ
ڪجھہ ڳالهيون ڪري، پر سرفين نهايت رُکائيءَ سان
اٿي بيٺو، ۽ ڪانئس موڪلائڻ لڳو.

## سيوهڻ:

ٻاويهين تاريخ چڱو سيءُ هو. آسمان ڪو هيري
سان ڀريو پيو هو. سان سيوهڻ جو شهر ڏسڻ ويس،
جنهن ۾ اٽڪل پنج هزار کن گهر آهن ۽ پندرهن هزار
کن آبادي آهي. لال شهباز جو قبو نهايت شاندار آهي.
هيءَ عمارت ١١٤٨ هجري جي ٺهيل آهي. دروازي تي
ڪاٺ جي پيچري ۾ هڪ وڏو شينهن پيهاريل آهي.
ڇويهين تاريخ نَو ميل مارچ ڪري، اسين ٽلٽيءَ جي
ڳوٺ ۾ پهتاسون. اسان جي فوج کي سيوهڻ وٽ درياءَ
جي هڪ شاخ اڙل کي پار ڪرڻو هو. اسان جي
انجنيئرن هن شاخ مٿان ٻيڙين جي هڪ سٽي پل ٺاهي

ورتي هئي. فوج جو مال اسباب اڪيئي هن پر موڪليو ويو هو. ٽلٽي ۾ ن هزارن گهرن وارو وڏو ڪوٽ آهي، جو تازي مٺي پاڻيءَ جي هڪ شاهي ڍنڍ جي ڪناري تي ٻڌل آهي.

اسان جو چوويهين تاريخ، وارو مارچ ڏاڍو تڪليف وارو هو.

پنجويهين تاريخ پوني واري گهوڙن جي دستي (پونا اريگيولر هارس) جو ڪمانڊر "ڏاجي گهورپور" مون سان مليو آيو. هو هڪ خانداني شخص آهي، جو انگريزي فوج ۾ گهوڙن کان اڳ پيشوا جي نوڪريءَ ۾ هو. هو ڪشادن خيالن جو هڪ معزز ماڻهو هو. ڪالهه واري گوڙ ۾ ڊاڪٽر روڪ (Dr. Rock) جو ڪجهه سامان چورائجي ويو.

اڄ عيدالضحيٰ جو ڏينهن آهي، سڀني مسلمان دوستن مون کي خطبي پڙهڻ لاءِ چيو، پر ٿڪاوٽ هئڻ جي ڪري معذرت ڪيم. رڪن جو ڪوٽ، جتي هاڻي اسين پهچي ويا هئاسون، هڪ وڏو ڪوٽ آهي ۽ سيوهڻ کان ٽيهه ميلن جي مفاصلي تي آهي. هن ڪوٽ جو ملان بلڪل اٽپڙهيل سنڌي هو. اهڙي عيد جي مقدس موقعي تي اسين عيد نماز کان محروم رهجي وياسون، ۽ منهنجي زندگيءَ ۾ اهو پهريون واقعو هو.

ڇويهين تاريخ صبح جو، ڏاڍي ٿڌ هئي ۽ رات جو اسان جي مٿن ۽ گهوڙن ۾ بہ پاڻي ڄمي ويو هو.

ڪيو. پر وري حڪم ڪيائين ته ڏهن ميلن جي پنڌ تي فتحپور جي ڳوٺ ۾ منزل ڪئي ويندي. ڪيترا هن گڙٻڙ ۾ رستو ڀلجي ويا ته ڪن کي وري ڳوريءَ تائين پهچي، اتان واپس فتحپور موٽڻو پيو.

ڇهين تاريخ، سورهن ميل ڪري ٻاقراڻي ڳوٺ ۾ آياسون، جو جو رستي ۾ درياءَ جي هڪ شاخ (الهندو نارو) هئي- جنهن تان فوج کي ننڍين ننڍين ٻيڙين ۾ پار ڪرڻو هو. ٽين تاريخ اسان کي اتي ٽي گذارڻي پئي. هن واهه جي وچ ۾ پاڻي ڇهه فوٽ اونهو هو.

## لاڙڪاڻو:

ڇوٿين تاريخ، صبح جو سوير، اسان اهو واهه پار ڪيو ۽ ٻن ڪلاڪن جي پنڌ کان پوءِ لاڙڪاڻي پهتاسون- جنهن لاءِ اسان کي فقط آٺ ميل پنڌ ڪرڻو پيو هو. لاڙڪاڻو ڪچيءَ مٽيءَ جي ڇوڏاري ديوار اندر هڪ وڏو شاهي شهر آهي. جنهن تي ميرن جي طرفان هڪ بلڪل اڌپڙهيل پير مرد شخص، عبدلرحيم، حڪومت هلائيندو آهي. فوج کي ٻارهين تاريخ تائين هتي ترسڻو پيو پيو، جو ايندڙ ڏکي مسافريءَ لاءِ فوج واسطي ضروري بندوبست ڪرڻا هئا. هيءَ مسافري بولان واري لڪ مان ڪرڻي هئي، جتي موسم ۽ هندستان جي رواجي موسم کان وڏيڪ ٿڌي ٿئي ٿي. ڪيترن ٿي جتن، خاص طرح ڪڇ جي اوٺين، اتر جي وڌيڪ ٿڌي ملڪ ڏانهن هلڻ کان بلڪل انڪار ڪيو. پر

جڏهن حڪم جي عدولي ڪرڻ جي الزام هيٺ کين
ڇهڪ هٽايا ويا ۽ پيون سزائون ڏنيون ويون، تڏهن
هنن لاءِ سواءِ پيش پوڻ يا صفا ڀڄي وڃڻ جي ٻيو ڪو به
چارو ڪونه هو. ڪيترن ٿي پويون رستو اختيار ڪيو
۽ ٻين جي آئن کي فوجي سپاهين جي رحم ۽ ڪرم تي
ڇڏي وٺي پوئتي ڀڳا.

هتي ڪئپٽن ايسٽ وڪ جي، فوج سان گڏجي هلڻ
وارن اوائلي ذميداري پوري ٿي. نوجوان عملدار
ميجر ٽاڊ (Major Todd) جو ڇهين تاريخ پهچي
چڪو هو، ان کي سياسي عملدارن جي عهدي جي
چارج وٺڻي هئي. ان ڪري ڪئپٽن ايسٽ وڪ مون کي
ڪئمپ ۾ ڇڏيو ۽ هدايت ڪئي ته ايڏي ڪئمپ يا
ميجر ٽاڊ کي جيڪو به حال احوال گهربو هجي ته اهو
کين ڏيان. هو پاڻ برطانوي نمائندي يا وزير مسٽر
ڊيلي، ايچ منڪنائن سان گڏجڻ لاءِ شڪارپور روانو ٿي
ويو. نائين تاريخ ڪئپٽن ايسٽ وڪ شڪارپور کان
واپس ڪئمپ ۾ موٽيو. ڪيس اپر سنڌ جو قائم مقام
سياسي نمائندو (پوليٽيڪل ايجنٽ) مقرر ڪيو ويو هو.

شڪارپور مان موٽڻ تي، ڪئپٽن ايسٽ وڪ مون
سان صلاح ڪئي، ته هن لاءِ اپر سنڌ جو پوليٽيڪل
ايجنٽ ٿي رهڻ بهتر ٿيندو، يا افغانستان ڏانهن ويندڙ
انگريزي نمائندي سان گڏجي اوڏانهن وڃڻ چڱو ٿيندو.

حڪومت طرفان ڪيس پنهي ذميدارين مان ڪنهن به هڪ کي پسند ڪرڻ جي مکياري ڏنل هئي. خود هن کي پوئين ڳالهه وڌيڪ پسند هئي، جو ان حالت ۾ کيس هڪ نئين ملڪ ڏسڻ جو وجهه ملي سگهي ها ۽ اتي ٽيڻ وارين جنگين ۾ تجربو حاصل ڪرڻ ۽ پاڻ موڪائڻ جو به کيس بهتر موقعو ملي ها.

مون کيس ٻڌايو ته "مون کي پٺاڻن جي عادتن، خصلتن ۽ دستورن جي انگريزن کان وڌيڪ چاڻ آهي. ان ڪري مان نه پئسي جي خاطر ۽ نڪي وري ڪنهن به ٻئي شوق جي لاءِ پاڻ کي جوکي ۾ وجهڻ لاءِ تيار آهيان، چو ته انگريزن جي ان رٿيل مهم جي ڪاميابيءَ بابت مون کي سخت شڪ آهن: تنهنڪري مان کيس به نهايت نماڻائيءَ سان عرض ڪيو ته هو به لاچاري حڪم ملڻ جي حالت کان سواءِ ڪنهن به صورت ۾ اوڏانهن نه وڃي- جو پنهنجي سخت جانيءَ ۽ جفاڪشيءَ جي عادتن جي ڪري شايد هو پاڻ ڀهريون شڪار ٿي وڃي."

اهو ٻڌي نفرت مان منهنجي لفظن تي مشڪي مون کي جواب ڏنائين ته "دوست، حياتي هڪ لاٽري يا جُوا آهي، ۽ جيڪڏهن انسان پنهنجي سوٽ ساز پاڻ کي يا ڪن ٻين کي فائدو پهچائي نه سگهند هجي، ته پوءِ زنده رهڻ جو فائدو ئي ڪهڙو؟" هو

جي انهن پوين لفظن جو مون وٽ بهترين جواب هو، پر مون اهو چوڻ نٿي چاهيو. ن ڪري پيون هيڏانهن جـون ڳالهيون شـروع ڪرڻ سـان اهـو قصو ختم ڪري ڇڏيم.

خوش قسمتيءَ سان هن کي پـوءِ اپر سنڌ ۾ ايترو گهڻو ڪم نٿي پيو، جو افغانستان وڃڻ جو وري ڪڏهن خيال به ڪو نه ڪيائين.

ٻارهين تاريخ، هڪ فوجـي ڊويزن سـرحان ڪين جي اڳوانيءَ هيٺ قندار ڏانهن مـارچ شروع ڪيو، ۽ ٻـيءَ ڊويـزن کي لاچار في الحال اتي ئـي ترسڻو پيو، جيستائين ان جـي سـواريءَ لاءِ ڪو مـناسب انتظام نٿي سگهي.

ان رات اسين فوج کان جدا ٿياسون ۽ "چوهڙپور" ۾ وڃي پهتاسون. هيءَ ڳوٺ شڪارپور جي رستي تي لاڙڪاڻي کان ڇهن ميلن جي مفاصلي تي آهي. اسان جي نـگهبانيءَ لاءِ اسان کي هڪ ديسي آفيسر ۽ ٽيويهن سپاهين جو هڪڙو گارڊ ساڻ ڏنو ويو هو. تيرهين تاريخ صبح جـو، اسين آٺ ميل مـارچ ڪري نئين ديري ۾ آياسون. رستو سٺو هو. هيءَ ملڪ ڪافي آباد ٿي ڏسڻ ۾ آيو. ڳوٺن جي پسگردائـي انبن ۽ کجيءَ جي باغن ڪري ڏاڍي وڻندڙ ٿي لڳي. اسين هڪ باغ واري ننڍڙي بنگلي ۾ ٽڪياسون.

نئون ديرو وڏو ڳوٺ آهي، جو مير محمد خان جو

آهي– هن جي طرفان محمد خان سيال نالي هڪ پيرسن شخص هن ڪوٽ جو انتظام سنڀاليندو آهي. هتي جا باشندا ڪجهن مان رس ڪڍڻ جي فن کان بلڪل ناواقف آهن، جو هوند سندن وڏي آمدنيءَ جو ذريعو بنجي سگهي. هني ڪاڌي پيتي جي شين جي حيرت انگيز سستائي هئي. مون ٻن ٻن پئسن ۾ وڏيون ڪڪڙيون خريد ڪيون، جيڪي لنڊن ۾ هڪ-هڪ ٻن رپين ۾ هوند ملن. ٻيون شيون پڻ پيٽ ۾ ڪافي سهانگيون هيون.

چوڏهين تاريخ صبح جو، اسين سورهن ميل پنڌ ڪري ”ڳاهيجن جي ڪوٽ“ ۾ پهتاسون، جو مير نصير خان جو آهي. هيءَ ڪوٽ نئين ديري کان وڏو آهي. ٻه بينگال واري انگريزي فوج جي هن ڪوٽ مان لنگهڻ جي ڪري ڪيترائي ڪوٽ جا رهواسي هتان ڀڄي ويا آهن. هتي به اسان کي هر شيءِ اهڙي ئي سستي ملي جهڙي نئين ديري ۾.

## شڪارپور ۾:

پندرهين تاريخ اسين سورهن ميل مارچ ڪري نوين بجي صبح جو شڪارپور پهتاسون. شڪارپور سنڌ جو وڏي ۾ وڏو شهر آهي. منجهس اٽڪل پندرهن هزار گهر آهن. هتي ڪي جايون ٻه-ماڙ پڻ آهن. هن شهر کي چوڌاري مٽيءَ جي ديوار آهي، ۽ شهر جي ٻاهران هڪ ننڍڙو قلعو پڻ آهي. شهر جي چوڌاري انبن ۽ کجين جا باغ آهن، جنهنڪري چوطرف وڻڪي وڻراهه

۽ خوبصورت آهي. هتي ٻاڻي کوهن جو استعمال ڪيو وڃي ٿو. هتان جي زمين پست ۽ سٺيءَ جي پوک لاءِ شايد وڏيڪ موزون ٿي ڏسجي. اسان کي هتي اها آبادي نهايت سٺي نظر آئي. شهر جي رهواسين جو اڪثر اڌ جيترو آدم کتري ۽ لوهاڻا هندو قومن جو آهي ۽ باقي اڌ کن آبادي مسلمانن جي آهي. هن شهر جي مارڪيٽ ڏاڍي سٺي آهي- جا مٿان سڄي ڍڪيل آهي. هتان جا واپاري سنڌيءَ کان سواءِ فارسي ۽ پشتو (پٺاڻي ٻولي) ۾ نهايت قابل آهن. اسان شهر جي ٻاهران اچي پنهنجا تنبو هنيا. سڄو مهينو فوج جي گوڙشور ۽ ڪم ڪار ۾ گذرڻ بعد ٻهريون ڏينهن اسان پنهنجي روءِ سوءِ خاموش وقت گذاريو.

سورهين تاريخ صبح جو، مان ڪئپٽن ايسٽ وڪ سان گڏجي شهر ڏانهن ويس. هن، شهر جي مارڪيٽ ۽ قلعي وغيره جو نهايت غور سان معائنو ڪيو ۽ پوءِ هڪ شاهي قيديءَ کي ڏسڻ ويو، جو جرمن قوم جو هو ۽ ٻهريون دفعو هتي هن کي فرانسيسي زبان ڳالهائيندي ٻڌائين.

سترهين تاريخ صبح جو، مان باقي ٻچيل ريجمنٽن کي ڏسڻ ويس. سندن (شهر جي) مارڪيٽ ٻڻ ڏٺم، جنهن کي صدر بازار سڏيو وڃي ٿو. مون کي هيءَ ٻڌي ڏاڍو افسوس ٿيو ته فوج جا ڪيترائي ماڻهو ۽ وهٽ، رستي واري رڻ ۾ پاڻي نه هئڻ سبب اڃ ۾

مري ويا هئا. هر ڪنهن ڳالهه ۾ انڌا ڌنڌ ۽ بي بندوبستي هئي. اپر سنڌ جي اڳوڻي پوليٽيڪل ايجنٽ سر اليگزينڊر برنس ڪيترائي سرڪاري پئسا ڪنهن به حساب ڪتاب رکڻ کان سواءِ فضول خرچ ڪري ڇڏيا آهن.

هڪڙو ٻه اهڙو ڏينهن ڪو نه ٿو گذري، جنهن ۾ بلوچ ڌاڙيل اسان جي ڪڇ سپاهين کي ماري ڦري يا فوج جا اٺ چورائي نه ويندا هجن.

اڄ صبح جو شهر جا ٻه وڏا هندو شاهوڪار چترومل ۽ چينسنگهه، ڪئپٽن ايسٽ وڪ جي سلام تي آيا. چينسنگهه نهايت سهڻو، قابل ۽ بافضيلت ماڻهو آهي. سندس پيءُ جا سنڌ جي هڪ نهايت حسين ڇوڪري هئي، ان کي شاهه شجاع زوريءَ کڻي ويو آهي. ان ڪري چينسنگهه ۽ سندس قوم کي شاهه شجاع لاءِ نهايت ڌڪار آهي.

ارڙهين مارچ اسان شڪارپور مان پنهنجي منزل کڻڻ جو ارادو ڪيو هو، پر رات جو برسات پوڻ جي ڪري اسان جا تنبو پسي نهايت ڳرا ٿي پيا: انهيءَ ڪري اسان کي لاچار انهن جي سڪڻ تائين ترسڻو پيو.

اڳئين ڏينهن بنگالي گهوڙيسوارن جي هڪ ٽولي ۽ ”لکي ڳوٺ“ جي سنياليندڙ عبدالصمد جي ڏهن بلوچن جي هڪ ٽوليءَ جي وچ ۾ ڇڪري لڳي. جنهن فوجي آن کي ڪاهي وڃڻ جي ڪوشش ٿي

شهر اچا تائين نہ چڙهيو آهي. سکر درياءَ جي ساڄي ڪناري تي آهي. درياءَ جي ڏائي ڪناري تي شاهي آباديءَ وارو هڪ وڏو شهر روهڙيءَ نالي آهي. بکر جو قلعو وچ درياءَ ۾ هڪ ننڍڙي ٽڪنڊي پٽ تي ٻڌل آهي. هن پٽ جي مضبوطيءَ جي سنڌي توڙي فارسيءَ جي شاعرن نهايت گهڻي تعريف ڪئي آهي. ميرن، انگريزن کي اجازت ڏني آهي تہ افغان – جنگ واري عرصي لاءِ هو هن پٽ کي استعمال ڪن، پر – جيئن مون اڳ ۾ ئي سمجهيو ٿي– انگريزن هن تي دائمي قبضو ڪري ورتو آهي.

## بلوچن جو آزار:

ايڪهين تاريخ، مون کي حڪم مليو تہ حڪومت خيرپور جي وزير فتح محمد خان غوريءَ سان ملان. فتح محمد خان حڪومت خيرپور جي حڪمن هيٺ، سکر ۽ شڪارپور جي وچ واري علائقي ۾ جيڪي بلوچ، انگريزن کي تنگ ڪري رهيا هئا، انهن کي سزاياب ڪرڻ لاءِ ڪالهہ روهڙيءَ پهتو هو. فتح محمد خان اسي ورهين جو پير مرد آهي، پر همت ۽ گرم جوشيءَ جي لحاظ کان هو ڪيترن جوانن کان ٻہ وڌ آهي. هن جو دماغ بلڪل صاف آهي، ۽ مقامي معاملن جو کيس تمام گهڻو تجربو آهي. هو جنهن قابليت سان ملڪي ڪاروبار هلائي رهيو آهي، ان کي سندس حاڪم خواهہ رعيت جا عام ماڻهو گهڻو پسند ڪن ٿا.

هو مون سان نهايت مهربانيءَ ۽ خلوص سان پيش آيو. دستوري خوش خيرعافيت کان پوءِ، مون سانس بلوچ ڏاڙيلن جو مسئلو ڇيڙيو. هن چيو تہ ڏاڙيلن جو مسئلو ڏارين کان وڌيڪ خود ملڪي ماڻهن لاءِ تڪليف جو سبب آهي. انهيءَ ڪري هاڻي لاچار ٿي ڪيس انهن بلوچ ڏاڙيلن خلاف پنهنجي تلوار ميان مان ٻاهر ڪڍڻي پئي آهي، ۽ هن پنهنجي فوجن کي حڪم ڏنو آهي تہ ڏاڙيلن خلاف هڪدم مهم شروع ڪن. مون کيس ٻڌايو تہ ڪئپٽن ايسٽ وٽ فقط ايترو ٿو چاهي تہ هنن کي دٻايو وڃي ۽ نہ ڪين بلڪل تباهہ ڪيو وڃي.

فتح محمد خان جي فوج پنجاهہ ڪن پيادن ۽ ڏيڍ سؤ کي گهوڙيسوارن تي مشتمل هئي. سندن گهوڙا بلڪل ڪمزور ۽ دربدر هئا. مون ان فوج کي خيال ۾ آڻي مشڪي ڏنو- جنهن کي فتح محمد خان سمجهي ويو ۽ مون کي چيائين، ”هي ظاهري طرح ڪمزور آهن. پر هن ملڪ ۾ لڙائي لڙڻ لاءِ بلڪل موزون آهن، جو بک ۽ تڪليف برداشت ڪرڻ جو منجهن گهڻو مادو آهي ۽ ڏن ڏينهن تائين بنا کاڌ خوراڪ جي به ڪم ڪري سگهن ٿا. توهان جي ٿلهن متارن گهوڙن ۽ انهن جي ڏسڻ ۾ ملوڪ سپاهين کان هنن ۾ ڏاڙيلن پٺيان جهنگلن ۽ ماٿرين ۾ ڀڄڪڻ جي توفيق گهٽي وڌيڪ آهي.“

پنجويهين تاريخ، اسين درياءَ پار ڪري روهڙيءَ ۾ پهتاسون، جتي هڪ سهڻي باغ ۾ اسان اچي منزل ڪئي. ان جي پن پاسن کان درياءَ جو وڻندڙ نظارو، ۽ ان جي وچ ۾ هڪ قلعو هو.

اٺاويهين تاريخ، اسين روهڙيءَ مان خيرپور ڏي روانا ٿياسون، ۽ پندرهن ميل پنڌ ڪري، صبح جو اٺين بجي ڌاري، خيرپور ۾ پهتاسون. شهر کان ٽي ميل اوريان محمد علي ٽالپر ميرن جو هڪ عملدار، گهوڙيسوارن جي ٽوليءَ سان اسان جي مرحبا لاءِ آيو. اسين هڪ ننڍڙي بنگلي ۾ رهياسون، جو هتي ايندڙ انگريز مهمانن لاءِ خاص طرح مخصوص ڪيل هو.

## خيرپور دربار ۾

اڃا ڪئپٽن ايسٽ وڪ نيرن ٿي مس ڪئي هئي ته ميرن جا ٻه مکيه عملدار، آسانند وڪيل ۽ چيتمل ديوان، مزاج پرسيءَ لاءِ ساڻس ملڻ آيا. ڪئپٽن ايسٽ وڪ کين ٻڌايو ته هو هڪ ڏينهن کان مٿي خيرپور ۾ ترسي ڪين سگهندو، ان ڪري هو جيترو جلد سهولت ٿي سگهي، مير صاحب (مير رستم خان۔ پڳدار) سان ملڻ چاهي ٿو. پٺي چڙها اهو پيغام کڻي واپس موٽيا. شام جو پلڙي وزير جو پٽ عنايت الله، ۽ جان محمد پنهنجي ماڻهن سميت ڪئپٽن ايسٽ وڪ جي جاءِ تي آيا، ۽ کيس مير رستم خان جي محلات ڏانهن وٺي آيا. مير رستم خان ڪئپٽن ايسٽ وڪ جي اچڻ تي پنهنجي مسند

تان اٿيو ۽ ايشيائي دستور موجب پوليٽيڪل ايجنٽ مان ڀاڪر پائي مليو.

دربار ۾ هتي بہ اهڙي ئي سادگي هئي، جهڙي حيدرآباد ۾. فرق رکيو هيءُ هو، تہ هتي حاضرين جو تعداد حيدرآباد کان گهٽ هو. پوليٽيڪل ايجنٽ کي هيٺ پٽ تي مير رستم خان جي ويجهو ويهاريو ويو. دربار ۾ هيٺيان ماڻهو موجود هئا: رستم خان جو چاچو مير زنگي خان، سندس ڀائٽيو مير نصير خان، مير مبارڪ خان ويهہ بلوچ سردار، ۽ پہ هندو عملدار جيڪي صبح جو پوليٽيڪل ايجنٽ وٽ آيا هئا.

مون کي جيئن پوءِ معلوم ٿيو، تہ هنن ڳالهين جو مقصد هيءُ هو، تہ مير رستم خان کي ذهن نشين ڪرايو وڃي تہ ڏاڍيل بلوچ قبيلن کي دٻائڻ لاءِ سخت قدم کڻڻ گهرجن. مير رستم خان وعدو ڪيو آهي، تہ هو انهيءَ سلسلي ۾ پنهنجي وس آهر هر ممڪن ڪوشش ڪندو ۽ ڪا بہ ڪسر نہ ڇڏيندو. مير صاحب وڏيڪ پوليٽيڪل ايجنٽ کي يقين ڏياريو، تہ هو انگريزن جو هڪ نماڻو مگر سچو دوست آهي.

مير صاحب عمر جو وڏو تہ معلوم ٿيو، شايد سٺ ورهين جو هجي. شڪل شباهت جو سهڻو هو، ۽ سندس ڳالهين ٻولهين مان ظاهر هو تہ هو هڪ نهايت بلند اخلاق، ديندار ۽ خانداني شخص آهي. ڪيس آٺ پٽ آهن. خيرپور هڪ وڏو شهر آهي. محلات شهر جي هڪ ڪوٽ اندر آهي.

ٿي ڏينهن پڻ پنهنجي ڪان اڳ دربار منعقد ٿي ۽ پوليٽيڪل ايجنٽ جي وڏي تقريب سان ان ۾ مرحبا ڪئي وئي. نهايت خوشگوار نموني ۾ هڪ ڪلاڪ تائين ڳالهيون هليون، جن ۾ وچ وچ ۾ ڪاروبار جون ڳالهيون پڻ ٿيون. ان ڪان پوءِ دربار ملتوي ٿي. ان بعد جڏهن ڪئپٽن ايسٽ وڪ مير صاحب ۽ سندس ڪٽنب جي موجود ڀاتين ڪان موڪلائڻ وارو هو، تڏهن مير صاحب کيس چيو ته "هاڻي مان اوهان سان هڪ دوست جي حيثيت ۾ ڳالهايان ٿو. منهنجي دل ۾ اوهان لاءِ ٻين انگريزن ڪان وڌيڪ عزت آهي ۽ اوهان سان ڳالهين ٻولهين ڪرڻ ۾ مون کي لطف ٿو اچي. مون کي ڏسڻ ۾ ٿو اچي، ته اوهين هڪ اهڙا سچا عيسائي آهيو، جنهن جي دل آئيني وانگر صاف آهي، تنهنڪري آءٌ اوهان کي پنهنجي ڀاءُ برابر ٿو سمجهان". ڪئپٽن ايسٽ وڪ مير صاحب اڳيان ڪنڌ جهڪايو ۽ مناسب جواب ڏنائين. تنهن ڪان پوءِ، اسين دربار ڇڏي پنهنجي ڪئمپ ۾ آياسون، ۽ اتي ڏينهن جو ڪم ختم ڪرڻ ڪان پوءِ شام جو پيڙهي مير سان موڪلائڻ ڪرڻ لاءِ سندس دربار ۾ ويا سون - جتي اڌ ڪلاڪ ڪن ماڻس گپ شپ هڻڻ بعد اسان ڪانئس موڪلايو.

ٽيهين تاريخ صبح جو، اسين خيرپور مان مکر ڏانهن روانا ٿياسون - جتي صبح جو نوين بجي پهچي وياسون. واٽ تي مون کي چمڪٽيءَ (املتاس) جا

ڪيترا ون ڏسڻ ۾ آيا. انهن جا ګل ګوڙها پيلا ۽ سهڻا آهن. انهن جون اٽڪل هڪ انچ ويڪريون ۽ ٻن ڪان ٽن فوٽن تائين ڊگهيون ڦريون ٿين ٿيون. ساون پنن، پيلن ګلن ۽ ڊگهين ګول لڙڪندڙ ڦرين سان هيءُ وڻ ڏاڍو سهڻو ٿو لڳي. اُن جي ڦرين جو ګر مٺو آهي، ۽ ٻج ڪي ڍڪي ڇڏي ٿو: اُن ۾ هڪ عجيب بوءِ ٿئي ٿي. هندستان ۽ ايران جا مڪاني ڊاڪٽر ان جي ګر کي جلاب طور ڪم آڻيندا آهن. هن ګر جو هڪ آئونس وزن ګرم پاڻيءَ ۾ ملائي، بادامين جي تيل سان ڪائجي، ته آنڊن جي هيٺئين ڀاڱي ۾ ڏاڍو مٺو اثر ڪندو آهي. پر سنڌين کي هن جي فائدن جي ڪهڙي خبر ڪا نه ٿي ڏسجي، ورنه هو ضرور ان کي بمبئي ۽ ٻين پاسن ڏانهن موڪلي، ان جي واپار مان فائدا حاصل ڪن.

ٻي اپريل ۱۸۳۹ع تي، اسان کي حڪم مليا ته شڪارپور وڃڻ لاءِ تيار ٿيون. ګذريل ڪجهه ڏينهن ۾ ڪم ايترو ته ګهڻو پئي رهيو آهي، جو صبح کان سج لهڻ تائين مون کي ٽيبل ڪرسيءَ تي ويهي پئي ڪم ڪرڻو پيو آهي ۽ ګهمڻ ڦرڻ جو اصل ڪو به وقت نه پئي مليو اٿم. انهيءَ ڪري اڄ مان ڪم تان اٿي، ڪلاڪ ڪن لاءِ هتان جي مشهور بزرګ شاهه خيرالدين جو مقبرو ڏسڻ ويس. قبي جي عمارت نهايت عاليشان آهي، جا ۱۰۲۹ع هجري مطابق ۱۶۱۹ع جي تعمير ٿيل آهي.

## وري شڪارپور ۾

ٽين اپريل تي، سکر ڇڏي رستي تي ٻي منزلون ڪري، شڪارپور آياسون. هتي حالتون ٺيڪ نہ هيون. ڪو ڏينهن اهڙو نٿي گذريو، جڏهن بلوچ ڌاڙيل اسان جي پهريدارن يا جتن کي، جي اٺن چارڻ لاءِ پسگردائيءَ ۾ ويندا هئا، منڌو، ٽُنڊو، زخمي يا خون نہ ڪري ويندا هجن. اسان جا ديسي سپاهي چانوڻيءَ کان ٻاهر بلڪل بيڪار هوندا هئا، جو هنن کي مڪاني حالتن جو ڪوبہ پتو نہ پوندو هو. بنگالي سپاهين جو جهڙو جسم ۽ ٻاهريون ڊول ڏسبو آهي، اهڙي سندن دل يا سندن اهڙو ايمان نہ آهي.

هتي هنن جي هڪ ٽوليءَ جي طاقت يا لياقت جو آءٌ هڪ معمولي مثال پيش ڪريان ٿو:

ڇهين اپريل تي، هڪ نائڪ ۽ پنجن سپاهين جي پهري هيٺ، اوڻيتاليهہ اٺ جهنگل ۾ پئي چريا تہ ڏهہ بلوچ ڌاڙيل اچي انهن کان زوريءَ ڦري ڪاهي ويا. ٻن جتن کي بلوچن تلوارن سان ڦٽي وڌو. هنن کي رت ڳاڙيندو ڏسي، سمورا جت اٺ ڇڏي وڃي ايجنسيءَ ڏانهن ڀڳا، ۽ هنن جي پٺيان سندن حفاظت لاءِ موڪليل فوجي پهريدارن بہ پيرن تي زور رکيو. ايجنسيءَ ۾ پهچڻ تي پهريدارن جي عملدار (نائڪ) اچي پوليٽيڪل ايجنٽ جو سلام ڪيو ۽ پوءِ نهايت گنڀير ٿي چوڻ لڳو:

”جناب! بلوچ ڏاڙيل اوڏيتاليهه آٺ ڪاهي ويا آهن، ۽ جناب! ٻن جڻن کي ڦٽيو اٿن. ٻيو سڀ خير آهي، جناب!“

مون کي هن نائڪ کي اهڙي نموني ۾ رپورٽ پيش ڪندو ڏسي کل آئي ۽ مان ان کي لڪائڻ لاءِ پنهنجي ڪرسيءَ تان اٿي ويس ۽ پوءِ ٻاهران ٻيهي پوليٽيڪل ايجنٽ ۽ نائڪ جي وچ ۾ هيٺين طرح گفتگو ٻڌم:

پوليٽيڪل ايجنٽ: ”ڏاڙيل ڪيترا هئا؟“

نائڪ: هو ڏهه ڇٽا هئا، پر سندن پوٽتان گهٽي مٽي اڏامندي نظر ٿي آئي، جنهن مان اسان سمجهيو ته سندن پٺيان گهڻا ماڻهو اچي رهيا آهن.

پ. ا: اوهان ڏاڙيلن تي گوليون ڇو نه هلايون؟

ن: اسان هڪ وڻ جي هيٺان ڪاڏو پئي تيار ڪيو ته ڦٽيان کي پڇندو ڏٺوسين- جنهن تي اسين به اوهان وٽ پڇندا آيا آهيون.

پ. ا: اوهين لاشڪ بهترين سپاهي آهيو!

ن: مان اوهان جي انهن مٺن لفظن لاءِ شڪرگذار آهيان، پر اسان ته فقط پنهنجو فرض ادا ڪيو آهي.

پ. ا: سهڻا لفظ! ۽ شڪر ادائي!- مان اوهان کي اوهان جي غير سپاهيانه روش لاءِ ڪورٽ مارشل ڪرڻ ٿو گهران.

ن: ته پوءِ اسان کي پنهنجي بدنصيبيءَ تي ماتم ڪرڻ کپي، جو پنهنجي خدمتن لاءِ اوهان کان هيءُ انعام حاصل ڪري رهيا آهيون!

ب. ا: هتان گم ٿي! پنهنجي بکواس بند ڪر، ۽ وري مون کي پنهنجو منهن نه ڏيکارج. هڪدم پنهنجي بئرڪ ڏي هليو وڃ!

ٻارهن سالن جي پنهنجي تعلق ۾ هن موقعي تي ٻهريون ئي دفعو مون ڪئپٽن ايسٽ وڪ کي جوش ۾ آيل ۽ چڙيل ڏٺو. هن پوءِ هڪدم رسالدار نور بخش جي اڳوانيءَ هيٺ بنگالي گهوڙيسوارن جي هڪ دستي کي حڪم ڪيو ته هو ڌاڙيلن جو پيڇو ڪن ـ مگر هنن جو ڪو به پتو نه پيو. انهن پٺي لڪو، جڻ آنن ۽ ڦُر جي مال سميت هو زمين اندر ٽٻي هڻي ويا هئا.

## اپر سنڌ جي گرمي

انهن مختلف مصيبتن سان گڏ، هتي گرمي به هاڻي اهڙي اچي زور ٿي آهي، جو ڳالهه ڪرڻ جي نه آهي. گرم لُڪون لڳي رهيون آهن، ۽ اسين انهن محسوس ڪري رهيا آهيون ته ڪنهن به مصيبت سبب نه، تڏهن به هن سخت گرميءَ ڪري ضرور ختم ٿي ويندا سون. هن گرميءَ ۾ منهنجي ننڍڙي جهوپڙيءَ اندر گرميءَ وقت پارو سؤ ڏهه (١١٠) ڊگرين تي، ۽ ٿڌي وقت ۾ نوي (٩٠) ڊگرين تي هوندو هو. اڌ رات کان پوءِ اٽڪل ڇهه ڪلاڪ ٿڌي هير لڳندي هئي. باقي ته سمورو وقت انهن معلوم ٿيندو هو، ڄڻ دوزخ جي هڪ دري اسان ڏي کلي وئي آهي. آس ۾ گهمڻ ته يقيني موت هو. تازا تکڙا ۽ تنومند عملدار جيڪي بعضي

ٻن ڪان ٻه هڪ ڏينهن اڳ ۾ مارچ تي نڪري ٿي
ويا، تن بابت ٻئي ڏينهن خبر ٿي آئي، ته گرميءَ ۽
جهولي سبب موت جو ٻڪ ٿي چڪا آهن. مڪاني
ماڻهن ۽ بلوچ ڏاڙيلن ۾ گرميءَ جي برداشت جو ڏاڍو
مادو آهي. هو هميشه سج اڀرڻ ڪان سج لهڻ تائين
گهمندا ڦرندا وتندا آهن، ۽ سڄو سڄو ڏينهن بنا ڪاڌي
پيتي آس ۾ گذري ويندو اٿن. اهڙا ڳالهه هندستان جي
ٻن حصن جي ماڻهن جي برداشت ڪان بلڪل ٻاهر
آهي. يورپي ماڻهن جو ته سوال ئي نٿو اٿي. هيءَ گرمي
مون کي ته سمجهه ۾ نٿي اچي. هيءَ علائقو سورت
ڪان چار (٤) ڊگريون مٿي آهي. انهيءَ ڪري اصولي
طرح ته ٻاڻ هتي موسم گجرات ڪان ٻه ٿڌي
ٿيڻ گهرجي.

گرميءَ جي برداشت ڪان ٻاهر ٿي وڃڻ تي مون
هڪ ننڍڙو ڇپرو خس جو ٺهرايو، جنهن ۾ ٿڌي رهڻ
جي خاصيت آهي. هڪ ڇوڪرو رکيم، جو سمورو
وقت ان تي پاڻي هاريندو رهندو هو. هن ڪان پوءِ منهنجو
وقت بهتر ۽ قدري آرام سان گذرڻ لڳو.

ٻارهين تاريخ صبح جو، مون نوڪر کي حڪم
ڪيو، ته هو منهنجي بستري کي چنڊي سڪڻ لاءِ
ڪجهه دير آس ۾ وجهي، جيئن منجهانئس گهم نڪري
وڃي. جيئن ئي بستري کي کڻي ويو، تيئن چا ڏو
ڏسان، ته هڪڙو شاهي ڪارو وڇون ان جي هيٺان

نڪري سرڻ لڳو. ڪيس ڏٺون سنڌن وارو پيچ هو جنهن جو ڏنگ ڪاڙهو ۽ مٿي وريل هو. اُهو جو رنگ ڳوڙهو ساواڻ تي هوس. مون اڳ اهڙو وڏو وڇون ڪڏهن به ڪو نه ڏٺو هو. هن خطرناڪ بلا کي ڏسي، مون تي ۽ منهنجي نوڪر تي هڪ قسم جي دهشت ڇانئجي وئي. ايتري ۾ منهنجو هڪ افغان دوست عطا محمد خان ڪاڪڙ*، جو شهر جو چڱو ماڻهو آهي ۽ مون کي ملڻ لاءِ اچي رهيو هو، اهو پهچي ويو. وڇونءَ کي ڏسي هن مون کي مخاطب ٿي چيو ته ”لطف الله، توهان ڀاڳن وارو آهين، جو هن ڏاڍي موتمار آفت جي حملي کان بچي ويو آهين. هن بلا کي ”جراڙو“ سڏبو آهي، ۽ هن جو ڏنگ هڪ ڪلاڪ اندر ڪنهن به ساهه واريءَ شي جي انت آڻڻ لاءِ بس آهي. خدا جو شڪر ڪر، ۽ ائين سمجهه، ته هن توکي نئين زندگي بخشي آهي.“

مون جواب ڏنومانس ته ”مون کي هن جو ڪو به ڀؤ ڪونهي، ڇو ته جيڪڏهن منهنجي قسمت جي ڪتاب ۾ لکيل ئي ڪو نه هوندو، ته وڇون مون کي هرگز ڏنگ هڻي ڪين سگهندو.“ ائين چئي مون وڇونءَ جي اکيان مٿيءَ جو هڪڙو ٽيو رکيو؛ جنهن ۾ وڇون سري اندر هليو ويو، ۽ مون ان جي منهن کي هڪدم مٽيءَ

---

* شڪارپور ۾ هڪ پاڙو (ڪيڙي عطا محمد) سندس نالي اڄ تائين موجود آهي- گهڻو ڪري ان ۾ پٺاڻ آباد آهن.

جو ليپو ڏياري بند ڪري، ان کي ڪلاڪ لاءِ باھ جي مچ ۾ وجھايو، جيئن وچون سڙي رک ٿي وڃي. ھن ريت سڙيل وچونءَ جي رک جو ھڪڙو ڪک درد قولنج لاءِ اڪثير سمجھيو ويندو آھي.

مون کي معلوم ٿيو ته شڪارپور جي ڪل آمدني ان جي پسگردائين سميت ساليانه ٽي لک ڪن رپيا آھي. ھن آمدنيءَ کي ست حصا ڪيو ويندو آھي، جن مان چار حصا حيدرآباد وارن ميرن- ھرھڪ نور محمد خان ۽ نصير خان - کي ملندا آھن: باقي ٽي حصا خيرپور وارن کي ملندا آھن، جن مان وري ٻه مير رستم خان کي ۽ ھڪڙو مير مبارڪ خان ڏي ويندو آھي. حيدرآباد جي ميرن جو حصو چيتمل کي چوڏھن ھزارن ۾ ٺيڪي ۾ مليل آھي. چيتمل اول شراب جو دڪاندار ھوندو ھو، پر سندس اثر ۽ قابليت کيس ميرن وٽ مقبول بنايو. ھو قداور ۽ ٿلهو متارو آھي، ۽ چوندا آھن ته روزانه رات جي مانيءَ تي ھو اڪيلي سر سڄو چيلو ڪائي ۽ برانڊيءَ (شراب جو قسم) جي بوتل پيئي ويندو آھي.

منھنجي دوست چيتسنگھ بشڪر کان مون کي معلوم ٿيو، ته خيرپور جي ڪل آمدني اٽڪل پنج لک رپيا ساليانه آھي، جنھن کي پنج حصا ڪيو ويندو آھي. ٽي حصا مير رستم خان کي، ھڪ حصو مير مبارڪ خان کي ۽ باقي ھڪڙو حصو خاندان جي باقي ماڻھن کي ملندو آھي.

ٻارهين تاريخ صبح جو، ڪئپٽن ايسٽ وڪ کي اطلاع مليو ته بلوچن ڌاڙيلن جي هڪ وڏي ٽولي انگريزي لشڪر جي تاڙ ۾ هتان ٽيهن ميلن جي مفاصلي تي لڪي ويٺي آهي. ڪئپٽن ايسٽ وڪ بلوچن تي اوچتي حملي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. اڪل ويهارو کن گهوڙيسوارن مان منجهند مهل هو ڪئمپ مان روانو ٿيو ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو سوير انهيءَ جاءِ تي پهتو. هتي پهچڻ تي هن رڪ جا ننڍا ننڍا ڍير ڏٺا، جن مان ظاهر هو ته هنن رات جي ماني اتي پچائي هئي. سنڌن گهوڙن جي لڏ پڻ چوڌاري پکڙي پيئي هئي. رڪ بلڪل ٿڌي، لڏ ڪافي خشڪ ڏسي ڪئپٽن اندازو لڳايو ته هو ڇهه ـ ست ڪلاڪ اڳ ۾ ئي اهو هنڌ ڇڏي ويا هئا. شام جو دير سان گرم ڏينهن جي مسافريءَ تان ٿڪي ٽٽي هو واپس موٽيو.

## بلوچن کي منهن ڏيڻ جو نئون طريقو

هاڻي ڪئپٽن ايسٽ وڪ محسوس ڪيو ته بلوچ ڌاڙيلن جو مقابلو به فقط بلوچ ئي ڪري سگهندا. انهيءَ ڪري هن مڪاني باشندن منجهان ئي هڪ فوجي دستي تيار ڪرڻ جو خيال ڪيو. انهيءَ خيال کان هن سرڪار کي درخواست ڪري اهڙي اجازت گهري. پر سرڪاري طرح ڪيس اهڙي اجازت ملي ئي ملي، تنهن کان اڳ ۾ هن پنهنجي ئي ذميداريءَ تي پنهنجي ان تجويز تي عمل به شروع ڪري ڏنو. انگريزن خلاف

رهزني ڪارروائين ۾ ڊومبڪين، جکراڻين، بگٽين، مرين، مزارين، لغارين بلدين، رندن ۽ بروهين جو گهڻي ۾ گهڻو حصو هو.

انهن قبيلن سان ڪوسن ۽ ڪهيرين جي سردارن جو تڪرار هو، انهيءَ ڪري ڪئپٽن ايسٽ وڪ جي نظر انتخاب انهن ئي قبيلن جي سردارن تي پيئي.

سڀ کان اول سردار قادربخش ڪوسي اسان جي ملازمت اختيار ڪئي. سو پنجويهن ورهين جو خوبصورت نوجوان هو. ساڻس پنجاهه گهوڙيسوار به ملازمت ۾ آيا.

هو سيني ڪوسن ۽ پڻ انهن سيني ماڻهن جو سالار ٿيئو هو، جيڪي سنڌس معرفت پرتي ٿين وارا هئا. منهنجي ڪم هاڻي ڏاڍو ڏکيو هو. سون کي انهن جهنگلي ماڻهن ۽ سندن گهوڙن جا نالا ۽ نشان باقاعدي رجسٽر ۾ داخل ڪرڻا هئا.

مون جڏهن سندن نالا ۽ نشان داخل ڪري ڇڏيا، تڏهن منجهانئن ڪي دل کولي کليا، ۽ ڪن ته مون کي سچ پچ جادوگر سمجهيو ۽ مون کي آزمائڻ لڳا، ته آءٌ سندن نالو هڪ ڪلاڪ کان پوءِ ڪتاب ۾ ڏسي ڪين ٻڌائي سگهان ٿو يا نه، ۽ جڏهن آءٌ سولائيءَ سان ائين ڪري سگهيس، تڏهن سندن وات ڦاٽي ڇڏي ويا ۽ چپ چاپ آئي مون وٽان هليا ڇڏي ويا. هنن کي پنهنجي عمرين جو ڪو به پتو ڪو نه هو. ڪيترا اڇين ڏاڙهين وارا مون کي هيءَ ڳالهه سمجهائڻ تي زور ڏئي

رهيا هئا ته سنڌن عمر پنجويهن ۽ ٽيهن ورهين جي وچ ۾ ٿيندي.

ان قسم جي هڪڙي اڇي ڏاڙهيءَ واري ڪان مون پڇيو ته ”مير فتح علي خان جي سنڌ کي فتح ڪرڻ جي ڪيس سانپر آهي ڇا؟“

تڏهن چيائين، ”انهيءَ واقعي کي ڪي ٿورا سال گذريا آهن. انهن ڏينهن ۾ آءٌ اڃا ڇوڪر هوس ۽ گليلون ڪٺي سال چارڻ ويندو هوس.“ هڙي احمقاڻه جواب تي مان پنهنجي کِل کي روڪي نه سگهيس، ڇو ته مير فتح علي خان جي ڪلهوڙن سان جنگ ١٧٧٩ع ۾ لڳي هئي، ۽ حساب ڪرڻ سان معلوم ٿيو، ته هن وقت هو ڪنهن به حالت ۾ ستر ورهين ڪان مٿي عمر جو هو- جيتوڻيڪ ظاهري طرح هو چاليهن ورهين ڪان مٿي ڪو نه ٿي لڳو.

هن کي منهنجو کلڻ نه وڻيو ۽ مون کي هٿ ڪان جهلي چيائين ته ”منهنجا دوست! تون مسلمان معلوم ٿو ٿين، پر گهڻو وقت فرنگين جي صحبت ۾ گذارڻ ڪري تون پنهنجو ضمير وڃائي ويٺو آهين، تنهنڪري ٿي توکي ڪنهن به مسلمان جي ڳالهه تي اعتبار ڪو نه ٿو اچي.“

مون هن ڪان معافي طلب ڪئي ۽ کيس چيو ته منهنجي کلڻ جو دل ۾ ڪوبه خيال نه آئي. منهنجي اها خراب عادت ٿي وئي هئي. مون کيس يقين ڏياريو ته آئيندي هو مون کي هميشه هرڪنهن مسلمان جي ڳالهه تي اعتبار ڪرڻ لاءِ تيار ڏسندو.

چوٿين تاريخ، اسان کي پنهنجي جاسوسن کان خبر ملي ته هڪڙو مشڪوڪ قسم جو ايراني ماڻهو شهر ۾ آيل آهي. اسان هڪدم سندس رهائش جي جاءِ تي پهتاسون ۽ ڏٺو سون ته سندس نوڪر پڻ آڻن تي سندس سامان ٻڌي رهيا هئا، ۽ هن هاڻي پنهنجي رٿيل مسافريءَ تي وڃڻ ٿي چاهيو. اسان ساڻس ڳالهين ٻولهن مان هڪدم سمجهي وياسون، ته سندس مسافري جو ڪو لڪل مقصد آهي، جنهن کي هو مخفي رکڻ ٿو چاهي. چو ته هن ڳالهين جي موضوع کي بدلائڻ جي ڪوشش ڪندي، ظاهر ڪيو ته هو هڪڙو درويش انسان آهي، جنهن جو دنيائي معاملن سان ڪو به واسطو ڪونهي، ۽ سندس نالو نورشاه آهي. ان تي ڪئپٽن ايسٽ وڪ کيس چيو ته هو پاڻ کي هن بعد گرفتاريءَ هيٺ سمجهي، ۽ جيستائين هن ملڪ ۾ داخل ٿيڻ بابت هو ڪو مناسب سبب نه ٻڌائي سگهيو آهي، تيستائين هو قيدي رهندو. ڪئپٽن جا اهي لفظ ٻڌي ايرانيءَ جي چڙ زمين ٿي پيرن هيٺان نڪري وئي. هن زوردار فارسي زبان ۾ سخت احتجاج ڪيو، پر ان مان ڪجهه به ڪونه وريس، کيس سرڪاري قيدي ڪري ايجنسيءَ ۾ آندو ويو.

## کهيري سردار وٽ

منجهند کان پوءِ، مون کي خانپور وڃڻ جا حڪم مليا، جو ڳوٺ هتان تيرهن ميلن تي ٿيندو، ته جيئن

آندا. سمهڻ کان اڳ مون ڪمال خان سان پنهنجي مطلب جون سموريون ڳالهيون ڪيون، ۽ هڪدم اسان جي ملازمت اختيار ڪرڻ ۾ کيس جيڪي بحساب فائدا هئا، تن کان واقف ڪيم.

هن رضامندي ظاهر ڪئي، ۽ چيو ته انگريز جيڪڏهن سائنس وعدو ڪن، ته هو سندن مذهبي معاملن ۾ ڪوبه دخل نه ڏيندا، ته هو پاڻ ۽ سندس قوم انگريزن جي خدمت لاءِ حاضر آهن. چو ته ڪن ماڻهن مشهور ڪيو آهي ته انگريز اول اوهان جي ملڪ تي قبضو ڪندا ۽ پوءِ اوهان کي پنهنجي مذهب ڇڏڻ تي مجبور ڪندا.

مون کيس يقين ڏياريو، ته هن کي اهڙو ڪوبه خطرو نه ڪرڻ گهرجي، ۽ انگريزن خلاف اهي ڳالهيون ڪن مطلبي ماڻهن جون مشهور ڪيل آهن، جن تي کين هرگز اعتبار نه ڪرڻ گهرجي. مون کانئس پڇيو ته هن ڪڏهن ٻڌو آهي ته انگريزن هندستان ۾ ڪڏهن ڪنهن به مذهب واري تي ڪا زيادتي ڪئي. اتي هڪ سؤ ورهين کان سندن حڪومت هلي آهي. پنهنجي بيان جي ثبوت طور مون فوج جو مثال سندس اڳيان رکيو، جنهن ۾ هو پاڻ ڏسي سگهيا ٿي، هر مذهب ۽ قوم جا ماڻهو شامل هئا ۽ هرڪو پنهنجي پنهنجي مذهب ۽ ضمير مطابق عمل ڪري رهيو هو. پڇاڙيءَ ۾ مون کيس خود پنهنجو مثال پيش ڪندي کانئس پڇيو ته

منهنجي باري ۾ سندس ڪهڙو خيال آهي؟ مان ڀاويهن سالن کان ٻه وڏيڪ عرصي کان انگريزن سان گڏ آهيان!

اهي ڳالهيون ٻڌي هن پنهنجون اگريون پنهنجي اکين تي رکڻ سان ظاهر ڪيو، ته هو دليون جانيون مون تي اعتبار ٿو ڪري. ٻئي ڏينهن صبح جو سوير ڪمال خان سان گڏ اسين خانپور مان روانا ٿياسون ۽ اٺين بجي صبح جو شڪارپور ايجنسيءَ ۾ پهتاسون. مون ڪمال خان کي پوليٽيڪل ايجنٽ (ڪئپٽن ايسٽ وڪ) وٽ پيش ڪيو، جنهن کيس سندس رفيقن سميت ان وعدي ڪرڻ تي ڪمپنيءَ جي ملازمت ۾ رکيو، ته هو انگريزن جي مفادن جا دليون جانيون وفادار رهندا.

اوڻيهين تاريخ ڪن دوستن جي صلاح تي آءٌ هڪ نهايت ئي دلچسپ شخصيت سان مليس. قدرت پنهنجي دستوري راهه کي ترڪ ڪري هن شخص کي هاٿيءَ جهڙي سونڍ ڏني هئي، جا سندس منهن جي ساڄي پاسي پيشانيءَ وٽان شروع ٿي سندس ڪاڏيءَ تائين پهچي ٿي وئي، جنهن سان سندس ساڄي اک ٻه ڍڪجي ويل هئي ۽ هو فقط پنهنجي ڏاٻيءَ اک سان ڏسي ٿي سگهيو. هو ويهن ورهين جو نوجوان ۽ بلڪل سالم دماغ جو هو. جيئن ته مون سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪانئس جيڪي ٻه سوال پڇيا، تن سڀني جا هن ٺيڪ جواب ڏنا.

سرڪاري معاملن ۾ هاٿي هڪ نئين مشڪل پيدا

ڏسي پئي هئي. اسان جي اصلوڪن ملازمن لاءِ، بلوچ ڌاڙيلن ۽ اسان جي نوڪري ۾ آيل بلوچن جي سڃاڻپ ڏکي ٿي پئي ۽ جڏهن به اسان جي نوڪريءَ ۾ بيٺل بلوچن مان ڏهن يا ڇهن ڄڻن کي اسان جا ماڻهو ڇانوڻيءَ جي ويجهو ڏسندا هئا، ته هڪدم مٿن ويهه - ٽيهه ديسي سپاهي حملو ڪري، ڪين وچي ماري ڪڍي يا بعضي ته زخمي ڪري، اسان وٽ وٺي ايندا هئا.

اسان پنهنجي نـون شيهن کي پاليندي ٿي ڇيڙائي ڇڏڻ مناسب نه سمجهي ڪين صلاح ڏني، ته هو اسان جي نوڪريءَ ۾ هٿن جي نشانيءَ طور هڪ ڪمر پٽو ٻڌن. ڏاڍين مشڪلاتن سان سندن غلاميءَ جي ان نشان پائڻ تي ڪين آماده ڪري سگهياسون.

پنجين مئي تي، پوليٽيڪل ايجنٽ حڪم ڏنو ته سندس عربي گهوڙو، جنهن تي اڪثر آءٌ سواري ڪندو هوس، اهو سرور خان لوهاڻيءَ کي سواريءَ لاءِ ڏنو وڃي. چنانچ هو پنهنجي گهوڙي کي طبيلي ۾ ٿي ڇڏي، هن خوبصورت گهوڙي تي چڙهي، سخت ڪاڙهي ۾ اسان جي ڪجهه بلوچ سوارن سان گڏجي ڌاڙيلن جي پٺيان روانو ٿي ويو. شام جو هـو پنهنجي ٽوليءَ سميت ڪاميابيءَ سان واپس موٽيو. سندس چوڻ هو ته هن هڪ ڌاڙيل کي وچي جهليو، جنهن جي سسي هو وڍي پاڻ سان ڪٺي آيا هئا- جيئن پنهنجي

بهادريءَ جو ثبوت پيش ڪن. ويچاري گهوڙي هن پنهنجي وحشي سوار کي تہ آٺين منزل تي پهچايو، پر طبيلي ۾ مٿانس اچا هنو لاٿو ئي مس ويو، تہ ڦهہ ڪري زمين تي ڪِريو ۽ بروقت جان ڏنائين.

گرمي هاڻي بيحد وڌي وئي هئي. مون حڪم ڏنو تہ سج جي گرميءَ جي اندازي معلوم ڪرڻ لاءِ ڪجهہ آنا آس ۾ وڌا وڃن. چاليهن منٽن اندر ڏٺاسون تہ اهي آنا بلڪل پچي تيار ٿي چڪا هئا.

ستين تاريخ اسان جي ملازم بلوچن جي هڪ ٽوليءَ، مصري خان کوسي جي اڳواڻيءَ هيٺ وڃي بلوچ ڊاڙيلن جي هڪ ٽوليءَ کي پهتي. ٻنهي ڌرين ۾ مقابلو ٿيو، جنهن ۾ خود مصري خان پاڻ بہ ڪلهي ۾ ٽنگ کان ڦٽجي پيو. مگر هو ڇهن ڊاڙيلن کي قيدي بڻائي وٺي اچڻ ۾ ڪامياب ٿيو. اهي بلوچ ڊومبڪي ۽ دستي قبيلن جا هئا، ۽ مشهور رحمان ڊاڙيل جي ساٿين مان هئا.

## ڊاڙيلن کي موت جي سزا

پوليٽيڪل ايجنٽ، هنن قيدين بابت، شڪارپور جي گورنر ديوان چيتمل سان صلاح ڪئي، جنهن راءِ ڏني تہ کين هڪدم ايذاءَ ڏئي خوار خراب ڪري ماريو وڃي. مگر پوليٽيڪل ايجنٽ ۽ سندس انگريز دوستن فيصلو ڪيو تہ هنن کي ايذائن پهچائڻ کان

سواءِ فقط موت جي سزا ڏني وڃي. جنهنڪري فيصلو ڪيائون ته روزانو هڪ هڪ ڪري ڪين ڦاسيءَ چاڙهيو وڃي.

جڏهن مون هنن بلوچ قيدين کي سندن موت جي وحشتناڪ خبر ٻڌائي، ۽ خاص طرح منجهانئن هڪ ڏانهن اشارو ڪري چيم، ته ٻئي ڏينهن تي هن کي ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويندو، تڏهن هنن نهايت چتين ۽ غصي سان پريل نگاهن سان مون ڏي گهوريو، مگر زبان سان ڪجهه به نه ڪڇيا. جنهن ماڻهوءَ ڏانهن مون اشارو ڪيو هو، فقط ان شخص بيپرواهيءَ سان چيو: "جيڪا رضا رب جي!"

منهنجي دوست مصري خان جي ڦٽن کي اسان جي ڊاڪٽر سيبو ۽ ٻڌون ڪيون، مگر انهيءَ دوران ۾ هن هڪ ٻڙڪ به ڪا نه ڪڇي. ڊاڪٽر جي شڪرادائي ڪيائين. سندس هيڏي رت هارڻ جي باوجود، جنهن ۾ سندس سمورا ڪپڙا خراب ٿي چڪا هئا، هو بنا ڪنهن جي سهاري اٿيو ۽ پنهنجي گهر هليو ويو. هن جي روانگيءَ وقت مون کيس چيو، ته مون کي ساڻس همدردي آهي، جو هو بدقسمتيءَ سان هن حادثي جو شڪار ٿيو هو، مگر ڪنهن حد تائين اهو سڀ سندس اجائي جوش و خروش جو نتيجو هو.

ان تي هن ڪاوڙ سان وراڻيو ته "بدقسمتي وري ڇا جي آهي. مقابلا مڙسن جو مرڪ آهن. هيءَ هڪ اهڙي فخر ۽ عزت جي ڳالهه آهي، جنهن جا نشان

چون حرڪتون سمجهي ڪوسن تي حملو ڪري ڏنو. ٻئي ڏينهن جڏهن ڪوسن جي قتيلن ۽ قيدين کي حاضر ڪيو ويو، تڏهن پوليٽيڪل ايجنٽ قيدين کي ڇڏي ڏنو، ۽ قتيلن کي علاج لاءِ اسان جي يورپي ڊاڪٽر ڏانهن روانو ڪيو.

## سنڌ واهه تي ميلو

شهر کان اٽڪل ميل پنڌ تي درياءَ جي هڪ شاخ (سنڌ واهه) تي ساليانو هڪ شاهي ميلو لڳندو آهي. هيءَ آبڪلانيءَ جو ميلو آهي. آءٌ هيءُ ميلو ڏسڻ ويس. ميلي تي ماڻهن جو بيحد وڏو تعداد آيل هيون. هتي مون کي پهريون دفعو سنڌي هندو سُندرين کي بنا پردي ۽ حجاب جي ڏسڻ جو وجهه مليو. آءٌ بنا هڪ اٽين چوڻ لاءِ تيار آهيان، ته هنن مان ڪيتريون برطانيا جي ٻَري ڇهرن سان به مقابلو ڪري سگهن ٿيون.

هر طرف ايڏي ته خوشيءَ ۽ مسرت جي ڌوم هئي، جو هڪ پاسي ڏٺم ته هڪڙي مجموعي ۾ هڪ ڊگهيءَ اڇيءَ ڏاڙهيءَ وارو پيرسن سنڌي، تنبوري جي سرن تي بلڪل وجد ۾ اچي نچي ڳائي رهيو هو. تنبورو هڪڙي نوجوان هندو سُندري وڄائي رهي هئي، ۽ وقت بوقت هن خوش مزاج پير مرد جي گيتن ۾ پنهنجي سريلي ۽ مٺڙي آواز سان آلائي سندس سر به جهلائي رهي هئي.

لاءِ حڪومت جو منصوبو ناڪام ٿي ويو. جي اُٻن نہ ٿئي ها، تہ هو هن سوني ٻڪڙ کي سونن آنن لاءِ تي مجبور ڪري، پنهنجو ۽ پنهنجي حڪمران آقائن جو فائدو ڪري ها.

ڇهين جون تي، نئون پوليٽيڪل ايجنٽ مسٽر راس بيل پهچي ويو. هن جو ٻاهريون ڏيک ويک ڏاڍو هو. پر مون کي جلدئي معلوم ٿي ويو، تہ هن جي ٻاهرين سونهن جي شان کي سندس ۽ وڏائي ۽ خود نمائيءَ ۽ ٿلهي کوکلي غرور اونداهو ڪري ڇڏيو هو. هو سڀني انسانن کي پاڻ کان گهٽ خيال ڪندو هو، ۽ سرڪاري ملازمن سان بلڪل غلامن يا ٻانهن وارو سلوڪ هوندو هوس.

هن جي ڪم ڪرڻ جو طريقو بہ بلڪل عجيب نموني جو ۽ پنهنجو خاص هو، جيڪو مون اڳ ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هو. هن جو پنهنجي زير دستن ۾ ڪو بہ ڀروسو ڪو نہ هوندو هو، نہ وري سندس زيردستن جي دلين ۾ پنهنجي نوڪريءَ جي سلسلي ۾، ڌڻيءَ سان ڪو وفاداريءَ جو جذبو هو.

شاهي ڪوچ (صوفہ) تي ليٽيو ليٽيو هو پنهنجي غلام ذهنيت وارن منشين کي خط لکائيندو هو، جن جي مجال ڪا نہ هوندي هئي، جو ڪٿي سندس اکيان ڪرسي نہ، تہ پٽ تي ئي ويهن. مس ڪُپڙي هنن جي چولهہ ۾ ٻڌل هوندي هئي، ۽ بيٺي بيٺي اهو سڀ لکندا ويندا هئا، جيڪي مسٽر راس بيل چوندو

ويندو هو. پوءِ اها ڪا عقل واري ڳالهه هجي يا محض بڪواس. ڪير اهڙي ذلت سهي سگهندو! مون کي جيڪڏهن ڪٿي پوليٽيڪل ايجنٽ جيترو پگهار ڏنو وڃي، تڏهن به هوند آءٌ هن وٽ نوڪري ڪرڻ لاءِ تيار نه ٿيان. پر منهنجو، دوست ترپيان سهاءِ ۽ سائس گڏ ڪم ڪندڙ ٻيا منشي ڏسجي ٿو ته ڪليل پيشانيءَ سان انهيءَ ذلت جو لطف حاصل ڪري رهيا هئا.

هڪ ڏينهن صبح جو ناشتي کان پوءِ، ڪئپٽن ايسٽ وڪ مون کي پاڻ وٽ گهرايو، ته جيئن اهو سنڌ بابت سندس لکيل رپورٽ ۾ خالي ڇڏيل حصن کي آءٌ پري پورو ڪريان. هو مسٽر راس بيل سان گڏ سندس ڪمري ۾ ويٺل هو، جتي راس بيل پنهنجي منشيءَ کي خط لکائي رهيو هو. مون ڪيترن ئي سوالن جا جواب ڏنا، ۽ ڪمرو ڇڏڻ تي هوس، ته هن هٺيلي شخص (راس بيل) پنهنجي منشيءَ کي هڪ جملو غلط لکايو ۽ سندس منشيءَ به ان کي ائين لکي وري کيس پڙهي ٻڌايو ۽ وڌيڪ لکڻ جو انتظار ڪرڻ لڳو. مون محسوس ڪيو، ته جي اهو جملو ائين رهجي ويو، ته برطانوي مفادن کي نقصان رسندو. اهو خيال ڪري آءٌ جملو ان جي صحيح صورت ۾ چوڻ کان رهي نه سگهيس. ان تي هن وڏي ماڻهوءَ اهڙي ته چوهه سان مون ڏي نهاريو، ڄڻ جيڪڏهن سندس وس هجي، ته مون کي ڪچو کائي ڇڏي. آءٌ هن جي

ڪاوڙ جو ڪو به خيال نه ڪري، پنهنجي ميز ڏانهن هليو ويس. شام جو ڪئپٽن ايسٽ وڪ مون کي ٻڌايو ته راس بيل کي مون تي سخت ڪاوڙ هئي، جو مون سندس ڪم ۾ دست اندازي ڪئي هئي.

چوويهين جون جي رات جو ٻارهين بجي مهل، مون کي اچي ننڊ مان اٿاريو ويو، ۽ چيو ويو ته ايجنسيءَ جي پرائيويٽ ڪمري ۾ وڃان، جتي ڏٺم ته ڪئپٽن ايسٽ وڪ ۽ راس بيل ويٺا آهن، ۽ سندن هٿن ۾ ڪي فارسي زبان ۾ لکيل خط آهن. آءٌ ويس مس، ته مسٽر راس بيل فرينچ زبان ۾ ڪجهه چيو. منهنجو اندازو هو ته هن ڪئپٽن ايسٽ وڪ کان پڇيو ته مون تي اعتبار ڪري سگهجي ٿو يا نه. ان ڳالهه جي تصديق ملڻ تي ڪاغذات مون کي ڏنا ويا، ته اهي پڙهي، انهن جي سمجهاڻي ڏيان. مون ائين ڪيو. منهنجو خيال آهي ته اهي ڪاغذ هن وڏي ماڻهوءَ جي ڪنهن تيز دماغ ملازم پڪڙيا هئا. راس بيل انهن جا نوٽ ورتا. ان بعد هن ڏهاڪو منٽ فرينچ زبان ۾ ڪئپٽن ايسٽ وڪ سان ان مسئلي بابت بحث مباحثو ڪيو، جنهن کان پوءِ مون کي حڪم مليو ته فتح محمد خان غوريءَ لاءِ هڪ اهم پيغام کڻي سکر رواني ٿيڻ جو حڪم ڏنو ويو.

مان ساڳيءَ رات ههڪڙي بجي مهل شڪارپور مان روانو ٿيس، ۽ ٻارهين بجي صبح جو فتح محمد خان جي

ڪئمپ ۾ پهتس. ڪيس پيغام پهچايو ۽ ساڻس گڏ ناشتو ڪيم. ان ڪان پوءِ پاڻ کي ۽ پنهنجي گهوڙي کي سج جي تابش کان بچائڻ لاءِ آجهو حاصل ڪري وچي پاڻ کي اتي لڪايم. هتي پنهنجي مهم بابت هڪ رپورٽ لکي گهوڙيسوار هٿ ڪئپٽن ايسٽ وڪ ڏانهن رواني ڪيم. ان بعد چار ڪلاڪ ڪن نالي ماتر آرام ڪيم. جنهن وڻ جي ڇانوَ هيٺ آءٌ آرام ورتي رهيو هوس، اتي پارو، سؤ سورهن ڊگرين جي گرمي ڏيکاري رهيو هو. ٽين بجي منجهند کان پوءِ، مان واپس شڪارپور ڏانهن روانو ٿيس، ۽ ٻئي ڏينهن رات جو ساڍي يارهين بجي مهل شڪارپور پهتس. چوويهين جولاءِ تي سون کي حڪومت حيدرآباد جي وزير سيد اسماعيل شاهه جي ملاقات لاءِ وڃڻ جا حڪم مليا، جو ڪلڪتي ڏانهن ويندي ان ڏينهن شڪارپور پهتو هو. هو پنجاسي ورهين جو پوڙهو، مگر هڪ بيحد حريص شخص هو. هن کي آٺ پٽ آهن، جيڪي آٺ ئي حڪومت جي مکيه ۽ ذميوار عهدن تي آهن چون ٿا ته وٽس پنج لک رپيا نقدي موجود آهي، ۽ ان کان سواءِ ڪيترا پنهنجا ڳوٺ اٿس. منهنجي نظر ۾ ايتري دولت تي ڪيس تسلي ڪرڻ گهرجي هئي، پر هو آخري دم تائين هميشه وڌيڪ دولت حاصل ڪرڻ جي پٺيان رهيو.

اوڻٽيهين جولاءِ تي ڪئپٽن ايسٽ وڪ کي واپس حيدرآباد موٽڻ ۽ اتان جي ريزيڊنسيءَ جي اچي چارج

وٺڻ جا حڪم مليا. مان سمورن ڪاغذن جا نقل اسسٽنٽ پوليٽيڪل ايجنٽ، ڪئپٽن پوسٽنس، جي حوالي ڪري حيدرآباد واپس موٽڻ جي تياري ڪرڻ لڳس.

## شڪارپور ۾ موڪلاڻيون

پنهنجن جن دوستن سان مون الوداعي موڪلاڻيون ڪيون، تن ۾ عبدالرحمان دراني بہ هو. انگريزن جي نظر ۾ هيءُ بزرگ نهايت مهذب ۽ اعليٰ تمدن وارو ماڻهو هو، ڇو جو هن پنهنجي بيگم کي بنا پردي سندس دوستن سان ملاقاتن ڪرڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي هئي. مون کي پڻ خوش قسمتيءَ سان ڪيترا دفعا هن جي بيگم صاحبہ سان ملڻ ۽ ساڻس گفتگو ڪرڻ جو موقعو مليو هو. هن دفعي هنن ٻنهي زال ۽ مڙس مون کي پنهنجي گهر دعوت طعام ڏني هئي. بيگم صاحبہ شڪارپور جي شايد حسين ترين عورتن هجي. هوشياري، دانائي، تدبر ۽ لياقتن ۾ هوءَ پنهنجي سادي سودي خاوند کان گهڻو وڌيڪ هئي. هن جي نڪ جي مهار سندس (بيگم صاحبہ) جي ئي هٿ ۾ معلوم ٿي ٿيي.

عورتن کي گهر جي چوديواريءَ اندر بند رکڻ کي انگريز غلط ۽ نقصانڪار سمجهندا آهن، پر اسان مسلمانن جي نظر ۾ اها هڪ بلڪل ضروري ۽ خوبيءَ واري ڳالهہ تصور ڪئي وڃي ٿي. انگريزن وٽ زالن کي مڪمل آزادي آهي ۽ ڪين خانگي يا ڪليو ڪلايو

مردن سان گڏ گهمڻ يا ڪم ڪرڻ جي اجازت آهي. پر ڪمزور جنس هئڻ ڪري ڪيتريون ئي عورتون مردن جي وحشيانه سازشن ۽ چالبازين جو شڪار ٿين ٿيون. هن آزاديءَ ڪيترن ئي ناميارن خاندانن جي عزت پوڙي ڇڏي آهي. چيو وڃي ٿو ته فقط اڪيلي لنڊن جي شهر ۾ اسي هزار عورتن جا نالا بليڪ رڪارڊ (سياه دفتر) تي لکيل آهن. دنيا جي هن وڏي ۾ وڏي شهر جي هڪ گهٽي ريجنٽ اسٽريٽ ۾ هڪڙيءَ شام جو چڪر هڻو ته توهان کي اتي ڪيتريون ئي حسين ۽ جميل ٺاٺ دار عورتون ملنديون، جن کي سندن دوستن يا عزيزن آزاد ڇڏي ڏنو آهي، يا حالتن کان لاچار ٿي هو سياه ڪرتوتن ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي ويون آهن. انهن حالتن لاءِ ڪير جوابدار آهي؟ منهنجي نظر ۾ انهن حالتن جي سموري ذميداري تهذيب ۽ تمدن سيکارينڌڙن جي ڏنل آزاديءَ تي آهي.

مان ائين ڪونه ٿو چوان، ته ڪو سموريون مسلم عورتون پاڪباز ۽ بلند اخلاق آهن. نيڪي ۽ بدي هميشه گڏوگڏ رهن ٿيون، ۽ اهڙي شايد دنيا ۾ ڪا به قوم نه هوندي جا سؤ سيڪڙو فقط گناهه يا سؤ سيڪڙو محض نيڪيءَ جي زندگي بسر ڪندي هجي. اسلامي قانون ۽ ريتن رسمن جون عورت ذات جي مٿان جيڪي پابنديون آهن، سي مان خاطريءَ سان چوندس ته گناهه ۽ بچڙائيءَ جي واڌاري کي روڪڻ ۽ نيڪيءَ ڏانهن

مائل ڪندڙ آهن. مسلم عورتن جو وقت پنج دفعا نماز، گهر جي رڌڻ پچائڻ، ٻارن جي پرداخت ۾ سڀڻ ۾ صرف ٿئي، ان ڪري ڪين ٻنهنجي چاهيندڙن جي خيال ڪرڻ جي فرصت ئي ڪا نه هوندي آهي. انهن جون شاديون سندن مائٽ ڪرائيندا آهن، جي سندن گهڻگهرا ۽ دنياوي معاملن ۾ ڪانئن گهڻو وڏيڪ تجربيڪار هوندا آهن. عام طرح ڪنوار کي شاديءَ کان اڳ ڪنهن سوراخ يا پردي مان ٻنهنجي ٿيڻ واري گهوٽ کي ڏسڻ جو وجهه ڏنو ويندو آهي، ۽ ڪا به شادي ان وقت تائين مڪمل نه سمجهي ويندي آهي، جيسين ٻئي ٽريون شاهدن جي روبرو هڪٻئي سان شادي ڪرڻ بابت پوري سمجهه سان قبوليت نه ڏين، ۽ اها تصديق حڪومت جي طرفان مقرر ڪيل عملدار (قاضي) باقاعدي رجسٽر تي داخل نه ڪري.

ان طرح ڪيترن ئي دائمي جهڳڙن ۽ دشمنن کان بچاءُ وجهي ٿو، جيڪي مقابل ٽرين جي دلين کي اڪثر زهرآلود ڪري ڇڏيندڙ آهن. هن قسم سان ٿيل شادين ۾ جهڳڙي جو ڪو به بنياد ئي ڪو نه رهندو آهي.

مختصر لفظن ۾ عورتن جي مردن کان علحدگي کين گهڻن فريبن ۽ آزمائشن کان بچائي ڇڏي ٿي، جيڪي اول ذهن کي خيالي خوشين جي چڪر ۾ وجهي پوءِ هميشه لاءِ تلخ پڇتاءَ ۽ پشيمانيءَ ۾ مبتلا ڪري ٿا

چڏين، يورپ ۾ حسن کي جيڪا سرفرازي ۽ ڪامراني حاصل ٿي ٿي، اها اسان جون عورتون چکن ئي ڪين ٿيون. ان ڪري طاقت وڃڻ جو ڏک ۽ ڪومائيندڙ حسن جي حسرتن جي آزار کان هو آجيون رهن ٿيون.

## حيدرآباد واپسي

ٻارهين آگسٽ ١٨٣٩ع تي، اسين شڪارپور مان حيدرآباد روانا ٿياسون. ڪئپٽن ايسٽ وڪ وڏي مشڪلات سان پنهنجي ملاقين جي انبوهه کان پنهنجي جند ڇڏائي سگهيو، جي کيس الوداع ڪرڻ آيا هئا. منجهانئن ڪي ته اسان کي ان وقت اچي مليا، جڏهن اسين شهر کان پنجن - ڇهن ميلن تي ٻيڙي چڙهي چڪا هئاسون. شهر کان ٻن ميلن جي مفاصلي تي درياءَ جي هڪ شاخ (سنڌ واهه) ۾ اسان جي لاءِ ٻه وڏيون تراڪڙيون ٻيڙيون ميسر ڪيون ويون هيون. هن موسم ۾ پاڻيءَ جي چاڙهي ڪري ٻيڙيءَ مان آسپاس جو نظارو نهايت دلڪش نظر ايندو هو. پنهنجي هن سفر ۾ اسان کي ٽن دشمنن سان منهن ڏيڻو پيو - سج جي گرمي، ٻيڙيءَ جا ڪنا ۽ درياءَ جا مڇر - سج جي آتت سڄو ڏينهن اسان کي ستايو ٿي، رات جو ڪنن اسان کي بي آرام ٿي ڪيو ۽ مڇر وري سڄي رات اسان جو رت چوسيندا رهندا هئا. ڇهن ڏينهن جي مسافري ۽ واهه ۾ ٻيڙين جي چڪ چڪان کان پوءِ پندرهين تاريخ اسين وري سکر پهتاسون. هتي ٻئي ڏينهن ئي مون کي ڪئپٽن

ايسٽ وڪ جي ننڍي پاڻ سان ملڻ جو وجھه مليو، جنھن کي پوليٽيڪل ايجنٽ جو نائب مقرر ڪيو ويو هو. مون ڏٺو ته هو ايشيا جي ڪيترن ئي ٻولين جو ڄاڻو هو. اسين هڪ هفتو سکر ۾ رهياسون. هتي ئي اسان کي سرجان ڪين جي غزني فتح ڪرڻ جي خوشخبري ملي.

اپر سنڌ ۾ سياسي حالتون تيزيءَ سان بگڙنديون نظر پئي آيون. اتان جي نئين پوليٽيڪل ايجنٽ ڏسجي ٿو ته گهڻو وقت جهيڙن جهٽن ۾ پئي صرف ڪيو- خاص طرح برگيڊيئر جنرل سان، سندس هن قسم جي روش سان ظاهر هو ته نقصانڪار هئي.

چوويهين آگسٽ، اسين سکر مان نڪتاسون، ۽ اٺاويهين آگسٽ تي سڀ صحيح سلامت حيدرآباد پهچي وياسون. اسان هتي ڪئپٽن ليڪي جي صحبت ۾ پنج ڏينهن ئي مس گذاريا، ته ڪئپٽن ايسٽ وڪ کي بخار اچي ويو، جنهنڪري هن کي مجبوراً ٺٽي جي رستي ڪراچيءَ روانو ٿيڻو پيو. مون کي ۽ اسان جي اسباب کي ٺٽي ۾ ڇڏي، هو اتان سڌو ڪراچيءَ روانو ٿي ويو. مون کي به بخار اچي رهيا هئا، پر ڪنهن ڊاڪٽري بندوبست نه هئڻ ڪري مون پنهنجو علاج پاڻ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، ۽ سنا مڪي ڪٿب آندم ۽ ناگدؤن يا افسنتين جا پوسارا پيتم. ناگدؤن هتي خودروُ ۽ عام جام ٿيندو آهي.

پندرهين سپٽمبر تي، ڏينهن ڪافي گرم هو، پر رات ٿڌي ۽ ڏاڍي وڻندڙ هئي. آسمان تي هر طرف تارن جي جهرمر لڳي پيئي هئي. ايتري ۾ ڪنهن مهل اوچتو ڏکڻ کان ڪارا ڪڪر چڙهيا ۽ ٿوري دير ۾ اکوٽي سهڻي نظاري عوض سارو آسمان اونداهي چادر سان ڍڪجي ويو. جهٽ ۾ طوفان ۽ وڄن جي چمڪاٽ سان ڏاڍو سخت مينهن وسڻ شروع ٿي ويو.

سنڌ ۾ گذريل ٽن مهينن ۾ سون ٽي طوفاني برساتيون ڏٺيون هيون، پر هيءَ سڀني کان زور هئي. ڪيترن ئي عملدارن جا تنبو طوفان اڏائي ڇڏيا. منهنجو لنڍڙو تنبو پٽ ۾ ڪتل لوهي سخن سبب سلامت رهيو. جيتوڻيڪ اندر ٻه فوٽ پاڻي گڏ ٿي ويو هو، جنهن ۾ منهنجو بسترو ۽ سمورو فرنيچر تري رهيا هئا. ڏيڍ - ٻه ڪلاڪ ساڳئي اها حالت هئي. خوش قسمتيءَ سان، ساڍي ٽين ڌاري، برسات بند ٿي وئي، اسان پسيل ڪپڙن ۾ ئي اها رات گذاري. ويهين تاريخ تائين هڪ ڏ ٻئي ڏينهن اها مينهوڳي هلندي رهي.

## وحشتناڪ نظارو

اٺاويهين تاريخ شام جو، مون کي هڪ نهايت ئي وحشتناڪ نظارو ڏسڻ ۾ آيو. ديسي پياده فوج جي چوويهين ريجمنٽ جي ڇهين ڪمپني جي هڪ سپاهيءَ پنهنجي ڀارن جو خون ڪري پاڻ ٻه آپگهات ڪري

منهنجي دوست ڪئپٽن ليڪي کي تپن هٿي پڇائي چڙهيو هو، ۽ بلڪل هڏن جو پيرو پئي لڳو.

اوٽيهن تاريخ مون کي به سخت تپ ٿي پيو، جو هفتي تائين روزانا وڌندو پئي رهيو. هنن تپن منهنجو ست ئي ڪڍي ڇڏيو هو. آءٌ اهڙو ته ڪمزور ٿي ويس، جو سهاري کان سواءِ هنڌ ۾ پاسو به ورائي ڪو نه ٿي سگهيس. ڪئپٽن ايسٽ وڪ هيءُ وقت منهنجي صحت لاءِ اهڙو ته انتظار پئي ڏيکاريو، جهڙو هوند ڪو ڀيءُ پنهنجي ڀٽ لاءِ ڏيکاري. شل خداوند ڪريم کيس پنهنجي هن درياءَ دليءَ جا اجورا بخشي! هتي ڪو ڊاڪٽر ته هوئي ڪو نه، جنهن جي ڪٿي مدد وٺجي. ان ڪري مون اهو ئي سنا ۽ ناگدؤن وارو نسخو آزمايو. نائين ڏينهن ليٽ بيماريءَ وڃي گهٽجڻ شروع ڪيو، ان کان پوءِ کنڊ جي ٿڌن شربتن مون کي آرام ڏنو، ۽ ٽن ڏينهن اندر آءٌ پاڻ کي بلڪل چڱو ڀلو محسوس ڪرڻ لڳس. پر تپن منهنجو اهڙو حال ڪري ڇڏيو هو، جو ڪجهه ڏينهن تائين مون ۾ اٿي ويهڻ جي به طاقت ڪا نه هئي. هاڻي رمضان جو مهنو به شروع ٿي چڪو هو، پر ڪمزوريءَ جي ڪري آءٌ روزا رکي نه سگهيس.

انهن ئي ڏينهن ۾ هڪ دفعي صبح جي پهر، مون سڙ پئي ڪيو ته هڪ نوجوان جنهن کي هٿ ۾ هڪڙي سادي لٺ ۽ ڪلهي تي هڪ کنڙي هئي

جو صبح جو هو مون کي دوکو ڏني ويو هو. مون
هن کي ڪو ديسي ماڻهو سمجهي ڏانهس ڪو ٻه توجهه
نه ڏنو هو. هو ان حالت ۾ ئي ڪلڪتي کان هتي
پهتو هو. ايڪيهين نومبر تي هو وري ٻه ويس بدلائي
اسان کان موڪلائي ترڪيءَ ڏانهن روانو ٿي ويو.
خوش قسمتيءَ سان منهنجي پوءِ سائس وري ۱۸۴۴ع ۾
ملاقات ٿي.

## قلات جي خان جي شهادت

ستاويهين تاريخ، اسان کي سرڪاري طرح اطلاع مليو
ته خان محراب خان شهيد ٿي ويو آهي، ۽ قلات تي
قبضو ڪيو ويو آهي.

پٺي ڏينهن ميرن کي سرڪاري طرح انگريزن جي
انهيءَ سوڀ جو اطلاع ڏنو ويو. جنهن تي ميرن حڪم
جاري ڪيا ته ان فتح جي خوشيءَ ۾ قلعي کان ايڪيهن
توبن جي سلامي ڇوڙي وڃي، ۽ ساري حيدرآباد ۾
خوشيءَ جا ڏيا ٻاريا وڃن. خانگي طرح ملندڙ احوالن
مان ظاهر هو ته ميرن کي قلات جي شڪست ۽
محراب خان شهادت جو سخت ارمان ٿيو آهي، جو
محراب خان سان نه فقط سندن دوستانه تعلقات، پر سڱابنديءَ
جي ڪري عزازت پڻ هئي. مير مير محمد جي والد مير
غلام علي خان جي محراب خان جي همشيره سان شادي
ڪيل هئي. دنيا جا اهي عجيب رنگ آهن، ٻائيجي کي
پنهنجي مامي جي عجيب رنگ آهن، مامي جي موت جو
جشن ڪرڻ تي مجبور ٿيڻو پوي ٿو.

## سنڌ مان واپسي

هن وقت سورت طرف ڪا ٻہ ٻيڙي وڃڻ واري ڪانہ هئي. "رحمتي" نالي هڪڙو سنڌي واڻ قاسم ناکئو سڪل مڇي ڪٽي بمبئي ڏانهن وڃي رهيو هو. منهنجي ڀڇا ڪرڻ تي ناکئي مون کي چيو تہ هو واٽ تي مون کي ڪنهن ٻہ ويجهي بندر تي لاهي سگهي ٿو. مون کيس چيو تہ "قاسم آءٌ هوند وڏي خوشيءَ سان تنهنجي ٻيڙيءَ تي هلان، پر اها تمام ننڍي آهي ۽ منهنجي صحت ٺيڪ نہ آهي. ان ڪري سمنڊ جا لوڏا منهنجي طبيعت ڪٿي وڌيڪ خراب نہ ڪري وجهن." ٿلهي متاري قاسم هڪدم ورائيو، "دوست تون ڪو ٻہ فڪر نہ ڪر، آءٌ تنهنجي لاءِ هڪ ننڍڙي ڪيبن (ڪوٺڙي) خالي ڪرائيندس، جتي تو کي ڪنهن ٻہ قسم جي بوءِ ڪا نہ ايندي. باقي جيتريقدر سامونڊي سفر جي بيماريءَ (الٽين وغيره) جو تعلق آهي، جي اهي تو کي ٿيون تہ انهن جو پاڻ سڀو اثر ٿيندو ۽ سمنڊ جون هيرون تنهنجي صحت کي سڌاري ڇڏينديون."

انهن آسرن ۽ حوصلي افزائين تي لڳي، مون هن ٻيڙيءَ کي روبرو وڃي ڏسڻ جي ڪا ٻہ ڪوشش نہ ڪئي، ۽ اوڻيهين ڊسمبر تي پنهنجو سامان سڙو "رحمتيءَ" تي چاڙهڻ لاءِ موڪلي ڏنم. ويهين تاريخ مون پنهنجي آقا سان موڪلائي ڪئي ۽ سندس ڪاميابي لاءِ دعائون ڪندي کيس خدا حافظ چيم. هتان جو گورنر

حصا پڙهايا ويندا آهن - الله جي نالي ۾ اڳتي وڌڻ ۾ بيهڻ وقت، جو الله مهربان ۽ ٻاجهارو آهي.

صبح جي وٿندڙ هيرن تي اسان جي ٻيڙي سولائيءَ سان جهٽ پٽ ڪنارو ڇڏي آئي ۽ ڪن ۾ ڪراچي اسان جي نگاهن کان اوجهل ٿي چڪي هئي. ايڪيهن تاريخ جي شام جو اسين گهوڙا ٻاريءَ جي سامهون اچي پهتاسون، ۽ ٻاويهين تاريخ آءٌ پنهنجي دوربينيءَ جي وسيلي ڪڇ جي ڪناري کي ڏسي پئي سگهيس. ٽيويهين تاريخ اسين مياني واريءَ ڪرين ۽ جڳت نقطي وٽ پهتاسون ۽ اتان اڳتي لنگهي وياسون. چوويهين تاريخ هوا جي بلڪل بند هئڻ ڪري اسان جي رفتار ڏاڍي گهٽ هئي. ناکئي منهنجي ڪيبن صاف ڪرائي ڇڏي ۽ پنهنجن ماڻهن کي هدايت ڪئي ته هو منهنجي هر حڪم جي پوريءَ طرح بجا آوري ڪن. ڏينهون ڏينهن بدبوءِ ۾ گهٽ ٿيندي پئي وئي، جو شايد منهنجو نڪ ان تي هري چڪو هو.

پنجويهين تاريخ اربع تي، ناتال جو ڏينهن هو. اسين بلاول پتڻ جي سامهون پهتاسون. هن کان پوءِ "رحمتيءَ" تي وڌيڪ سفر ڪرڻ منهنجي برداشت کان ٻاهر ٿي چڪو هو. مون قاسم کي چيو ته مون کي اتي ئي لاهي ڇڏي - جنهن جي هن هڪدم تعميل ڪئي. مون هڪ دوست جي حيثيت ۾ سائس موڪلائي

ڪئي، ۽ ڪجهه رهيا هن کي ڏنا، جيڪي هن شڪراداڻيءَ سان قبول ڪيا.

[هيءَ جهوناڳڙهه رياست جو ڪنارو هو. هتان لطف الله خشڪيءَ جي رستي پنهنجي وطن سورت ڏانهن روانو ٿي ويو ۽ وري سنڌ ۾ واپس نہ آيو. -مترجم]

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاڻُو، ياچوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪڻي ڪمپيوُٽر جيِ دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَڻَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَڻَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَڻَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾پَڻَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَڻَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَڻَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَڻَ پاران ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَڻَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڃي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڪاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها ٿوڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ونڻ ونڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)